

دردن ڦولاريا ڦول
وفا صالح راڇپر

دردن قولاريا قول

[نثري نظم]

وفا صالح راڇپر



مرڪ پبليڪيشن_ شهدادڪوٽ

ڊجيٽل ايڊيشن:

2018ع

سنڌ سلامت ڪتاب

ڪتاب جو نالو: دردن ڦولاريا ڦول!
ليکڪ: وفا صالح راڄپر
موضوع : شاعري
ڇاپو: پهريون 2015ع
ڪمپوزنگ: نسيم بلوچ , هالار ڪمپوزرس سانگهڙ
ڇپائيندڙ: مرڪ پبليڪيشن _ شهدادڪوٽ
ائڈريس: آفيس نئين آس مئگزين
ءِ مرڪ پبليڪيشن شهدادڪوٽ
Murtaza.laghari9@gmail.com
Cell: 0300-5182494

قيمت: 300 رپيا.

Dardn Phoolarya Phool!

(Poetry)

By: Wafa Saleh Rajper

Published by: Murk publication Shahdadkot

Composed by: Naseem Baloch, Halar Composers Sanghar

1st Edition: 2015

Price Rs. 300

ڪتابن ملڻ جا هنڌ :

پتائي ڪتاب گهر، حيدرآباد . پريس ڪلب، حيدرآباد
- ڪاڪيواڙ شاپ، ثقافت ڪاتو بوڪ اسٽور ڪراچي ، - ڪامريڊ بڪ
اسٽال، جامشورو - رابيل ڪتاب گهر، لاڙڪاڻو - مهراڻ ڪتاب گهر،
لاڙڪاڻو - وسيم ڪتاب گهر، شڪارپور، - سنڌيڪا ڪتاب گهر، سکر -
عزيز ڪتب گهر سکر، تهذيب بڪ اسٽور، خيرپورميرس، - پريتم
قاضي، نواب شاهه ، ڪنول ڪتاب گهر، قنبر،
مرڪ پبليڪيشن شهدادڪوٽ

اڻپنا

امڙ **حنيفان خاتون** جي نالي

جنهن نہ رڳو ڄڻي نپايو پر هڏن جو

پورهيو ڪري مون کي تعليم بہ ڏياري

پياري ننڍڙي پاڻ ارشد علي راڄپر جي نالي

جيڪو جڏهن بہ مونسان ملندو آهي تہ پيار مان

چميون ڏئي پوءِ ملندو آهي

ع

پيار جي پهرين چميءَ جي نالي جيڪا مون کان

اڄ ڏينهن تائين وسري نہ سگهي آهي.

وفا صالح راڄپر

سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن سلسلي جو نئون ڪتاب **"دردن ڦولاريا ڦول"** اوهان اڳيان پيش آهي. هي ڪتاب سهڻي ليکڪ ۽ ڪوي **وفا صالح راڇپر** جي نثري نظمن جو مجموعو آهي.

وفا صالح راڇپر سنڌ جي انهن ٿورڙن ۽ منفرد ليکڪن منجهان هڪ آهي جن نثر توڙي نظم ۾ هڪ جهڙي پذيرائي ماڻي آهي. وفا صالح راڇپر پنهنجي دؤر جو سجاڳ شاعر آهي تنهن ڪري هُو پنهنجي وقت جي مسئلن کان چڱيءَ طرح با خبر آهي. سندس شاعريءَ ۾ رومانس به ملي ٿو پر اهو به عام رواجي ۽ غير سنجيده ناهي بلڪ سنجيده ۽ اصلاحي آهي.

هي ڪتاب **مرڪ پبليڪيشن** پاران 2015ع ۾ ڇپايو ويو. ٿورائتا آهيون پياري مرتضيٰ لغاريءَ جا جنهن ڪتاب جي ڪمپوز ڪاپي موڪلي.

محمد سليمان وساڻ
مينيجنگ ايڊيٽر (اعزازي)
سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام
sulemanwassan@gmail.com
www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

سٽاءُ

- پبلشر نوٽ ..... مرتضيٰ لغاري
- سرجيس تان سور ..... وفا صالح راڄپر
- وفائن ۽ احساسن، جذبن ۽ دردن جو شاعر.... وفا ناٿن شاهي
- وفائن جا پنڇي ..... ذوالفقار گاڏهي
- تنهنجي نظمن جي پيشاني ڪيئن چمان..... انور ڪاڪا
- نظم/نثري نظم

پبلشر نوٽ:

وفا صالح راڇپر سنڌ جي انهن ٿورڙن ۾ منفرد ليکڪن منجهان هڪ آهي جن نثر توڙي نظم ۾ هڪ جهڙي پذيرائي ماڻي آهي.

هونئن ته وفا صالح جو نالو ڪڇندي ئي سندس سڃاڻپ ڪهاڻيڪار وفا صالح راڇپر ڏانهن وڃي ٿي پر هن جيڪا شاعري سرجي آهي ، انهي منجهان صرف نثري نظمن جو هي ڪتاب "دردن ڦولاريا ڦول" پڙهي سندس لاءِ مختلف راءِ جڙي سگهي ٿي. جنهن مان ثابت ٿئي ٿو ته هو نه رڳو ڪهاڻيڪار آهي، نه رڳو مضمون نگار، پر هو پرپور شاعر پڻ آهي.

وفا صالح راڇپر جهڙي ريت ذاتي زندگي ۾ محنت مزدوري ڪندي مٽي تي تغاريون کڻي جسماني قوت سان پورهيت ٻڌجي ماڻهن لاءِ مانائتا گهر جوڙيا آهن، تهڙي ريت هن پنهنجي قلم جي قوت سان پنهنجي همعصر ليکڪن جي قطار ۾ پنهنجو گهر پڻ شاندار جوڙيو آهي.

وفا صالح جي مڙني لکڻين مان سونهن پرستي، سچ پرستي، سان گڏو گڏ انصاف پرستي، انسان پرستي نمايان نظر اچي ٿي تيئن هن جي نثري نظمن مان پڻ سماجي عڪاسي پرپور نظر اچي ٿي.

مرڪ پبليڪيشن وفا صالح راڇپر جو پهريون نثري نظمن جو ڪتاب اوهان پڙهندڙن آڏو پيش ڪندي انتهائي خوشي ٿي محسوس ٿي رهي آهي پر اها اميد به اٿئون ته هي ڪتاب سنڌي ادب ۾ ضرور پنهنجي جڳهه جوڙيندو.

مرتضيٰ لغاري

03005182494

مھاڳ

وفائن، احساسن، جذبن ۽ دردن جو شاعر

ھڪ انترويو دؤران مون کان ڪنھن دوست سوال ڪيو ھو تہ نثري نظم جي باري ۾ تنھنجو ڇا خيال آھي؟ مون جواب ۾ چيو ھو تہ مان نثري نظم کي شاعريءَ مڃڻ لاءِ تيار ناھيان، ڇو تہ مان عروض جو قيدي ۽ ماترائن ۾ مقيد شاعر آھيان. تنھنڪري مان صرف عروضي ۽ ماترائي يعني چند وديا تي شاعريءَ کي ئي شاعري تسليم ڪرڻ لاءِ تيار آھيان. شاعريءَ جا اُھي ئي ٻہ قسم آھن جيڪي اسان جي مزاج ۽ فطرت وٽان آھن.

اسان جو مشرقي لوڪ ادب ٻہ شاعريءَ جي انھن ٻن قسمن سان تعلق رکي ٿو. اھو ئي سبب آھي جو نثري نظم کان اڳ اسان وٽ سانيٽ، ترائيل، ھائيڪو ۽ آزاد نظم آيا پر اڳتي ھلي نہ سگھڻ جي ڪري آھستي آھستي پنھنجو اثر رسوخ وڃائي ويھي رھيا. جيتوڻيڪ انھن مھاجرن جنھن ۾ گھڻن، انصار ۽ وڏن وڏن شاعرن ھٿ وڌا ۽ انھن صنفن کي اڳتي وڌائڻ ۽ ھلائڻ جي ڪوشش ڪئي، پر اسان وٽ اِھي سموريون صنفون نہ مشھور ٿي سگھيون ۽ نہ مقبول. ڇو تہ اھي سيئي صنفون اسان جي ادبي مزاج ۽ ذوق وٽان نہ ھيون. جيڪڏھن سنڌي مقامي شاعريءَ جي نج ۽ تيار صنف کي سامھون رکي سوچبو تہ اسان کي عربي ۽ ايراني صنفون، غزل، نظم، رباعي، چؤستو ۽ قصيدو ٻہ ٻاھريون صنفون لڳنديون، پر جيئن تہ اھي مشرقي صنفون آھن. ۽ سنڌ مشرق جو ھڪ اٽوٽ انگ آھي تنھن ڪري سنڌي ادبي مزاج انھن صنفن کي شعوري ۽ لاشعوري طور تي قبول ڪري ورتو. نتيجي ۾ انھن صنفن سنڌي شاعريءَ ۾ حيرت انگيز شھرت ۽ مقبوليت حاصل ڪئي ۽ باڪمال لازوال، شاعر پيدا ڪيا.

پبلشر نوٽ

پر اهي صنفون نج سنڌي صنف سان ايتريون ته مانوس ۽ هم رنگ ٿي ويون جو صفا سنڌي صنفون محسوس ٿيڻ لڳيون.

جيئن ته هت مونکي صرف نثري نظم تي لکڻو آهي، تنهن ڪري مان وري نثري نظم ڏي موٽ ڪاوان ٿو مون کي عام طور تي نثر ۽ نثري نظم هڪ جهڙو لڳندو آهي. پراڻو ڪلاسيڪل لوڪ نثر پڙهي ڏسو يا لوڪ ڪهاڻيون ڏسبيون. اهڙيون ڪهاڻيون جن جا ڪردار جانور، پکي ۽ جن پوت آهن ته ائين محسوس ٿيندو. معنيٰ نثر ۽ نثري نظم جي خاندان سان تعلق رکي ٿو. جيڪو تمام پراڻو ۽ اوائلي نثر آهي مقفيٰ نثر ۾ ۽ شعريت ملي ٿي. جيڪا عام نثر ۽ نثري نظم ۾ فرق پيدا ڪري ٿي. سادي نثر ۽ نثري نظم ۾ ۽ بنيادي فرق شعريت جو آهي يعني جنهن عبارت ۾ شعريت آهي اهو نثري نظم آهي ۽ جيڪو عبارت جو ٽڪرو سادي ۽ روايتي انداز ۾ لکيل آهي اهو صرف نثر آهي.

پر اهو فرق صرف شاعر ئي محسوس ڪري سگهندو عام پڙهندڙ صرف ڪافي، ڪلام ۽ غزل، گيت کي شعر چوندو آهي. ڇو ته پڙهندڙن وٽ ايجان نثري نظم ايتري مقدار ۾ نه پهتو آهي جنهن مان اُهي اندازو لڳائي سگهن ته نثر ۽ نثري نظم ۾ بنيادي فرق ڪهڙو آهي. مان متي لکي آيو آهيان ته مان نثري نظم کي شاعري مڃڻ يا چوڻ لاءِ تيار نه هوس پر جڏهن مون سنڌي زبان جي گهڻن ۽ وڏن شاعرن جي نثري نظمن جو وري وري مطالعو ڪيو ته مان ۽ نثري نظم کي شاعري مڃڻ لاءِ تيار ٿي ويس. پر ان جي باوجود مون اڄ تائين هڪ ۽ نثري نظم نه لکيو آهي باقي مستقبل لاءِ ڪجهه ۽ مان نٿو چئي سگهان. البته آزاد نظم مون ڪافي لکيا آهن جيڪي گهٽ ۾ گهٽ هڪ سَوَ کن هوندا. اهو ان ڪري جو آزاد نظم وزن بحر سان تعلق رکي ٿو ۽ ڪن ڳالهين ۾ پابند صنف کان ۽ ڏکيو آهي.

نثري نظم فرانسيسي صنف آهي. جنهن جو باني بودليئر ڇيو ويو ٿو. جيئن غزل ايراني صنف آهي، ان جو باني رودڪي آهي. پر فرانس ۾ نثري نظم هڪ صنف جي حوالي سان ڄاتو سڃاتو ويو ٿو. جڏهن ته اسان وٽ نثري نظم کي صنف طور نه پر سهَل پسنديءَ جي ڪري قبول ڪيو ويو آهي جيئن هن کان اڳ آزاد نظم کي قبول ڪيو ويو هو. ڇو ته نثري نظم ۾ سولائيءَ سان اظهارِ خيال ڪري سگهجي ٿو ۽ پنهنجو مافي الضمير پيش ڪري سگهجي ٿو. ان جي بر عڪس عروضي ۽ ڇند وديا تي شاعري تمام ڏکي آهي. جنهن ۾ سڀني فني بندشن کي برقرار ۽ بحال رکندي اظهار خيال ڪرڻ نا ممڪن ته ناهي پر مشڪل ضرور آهي. ائين بہ درست آهي ته وقت جو تاخير ۽ تبدل نون لاڙن ۽ سوچن کي جنم ڏئي ٿو اهي لاڙا زندگيءَ جي هر پهلوءَ تي اثر انداز ٿين ٿا. جيئن ته اهي لاڙا سابقہ لاڙن کان مختلف ۽ منفرد هوندا آهن- تنهن ڪري انهن کي جديد سڏيو ويو ٿو. اهڙي طرح جدت وجود ۾ اچي ٿي. جهڙيءَ طرح زندگيءَ سان تعلق رکندڙ ٻين سڀني فنن ۾ جدت آئي. اهڙي طرح فنون لطيفا تي بہ جدت جو اثر پيو. ڇو ته فنونِ لطيفہ جو انساني زندگيءَ تي گهرو اثر آهي. جهڙي طرح ڏيئي جي جاءِ تي بلب اچي ويو. بيل گاڏيءَ مان ريل گاڏي ٿي وئي. ڪپڙن ۽ وارن جي تراش خراش ۾ فرق آيو ميڪ اپ ۽ سينگار جي نوعيت بدلي، زيورن جا نمونا ۽ قسم بدليا. ٽانون ٽپن ۽ رڌ پچاءَ ۾ بہ انقلاب آيو. تهڙي طرح اداڪاري بدلي موسيقي ۽ ڳائڻ وڄائڻ جا انداز مٽيا. رقص ۽ مصوريءَ ۾ نواڻ آئي. تعمير جا طور طريقا تبديل ٿيا. انهن سڀني تبديلين سان گڏ شعر، ادب ۽ نثري نظم ۾ بہ نرالو پن پيدا ٿيو.جنهن جي ڪري ناول، افساني، قصي. ڪهاڻي ۽ ڊرامي بہ رخ بدلايو شاعريءَ تي بہ اثر پيو ۽ شاعريءَ جا رخ رواج بہ بدليا شروعاتي دؤر ۾ سنڌي شاعري صرف سنڌي صنف تائين محدود هئي. جن ۾ ڪافي، وائي، ڏور، بيت ۽ ٻيون لوڪ صنفون شامل آهن. ان کان پوءِ غزل، نظم، رباعي، مثنوي ۽

ڇؤستي ۾ سنڌي شاعري ٽيڻ لڳي. ٽئين دؤر ۾ سانيٽ، ترائيل، هائيڪو ۽ آزاد نظم داخل ٿيو. موجوده دؤر کي نثر نظم جو دؤر چئي سگهجي ٿو. اهو چوڻ قبل از وقت ٿيندو ته نثري نظم اسان وٽ خاطر خواهه شهرت ۽ مقبوليت حاصل ڪندو يا هن کان اڳ ۾ آيل مهاجر صنفن وانگر ڪجهه وقت هلي برقعو متائي ويندو. "گيتا نجليءَ" جي حوالي سان برصغير ۾ نثري نظم جو سڀ کان وڏو شاعر ٽئگور آهي. مون ستر واري ڏهاڪي ۾ سانوڻ جي راتين ۾ "گيتا نجليءَ" جو مطالعو ڪيو هو. ۽ ٽئگور جي نثري نظمن فڪري لحاظ کان مون کي ڏاڍو متاثر ڪيو هو. بقول نصير مرزا جي ته سنڌيءَ جو پهريون نثري نظم جو شاعر مرزا قليچ بيگ آهي. جنهن 1885ع ۾ "مِٽي" جي عنوان سان نثري نظم لکيو هو بعد ۾ امداد حسيني کان وٽي بخشڻ مهراڻويءَ تائين بخشڻ مهراڻوي کان وٽي رمضان نَوَل تائين ڪافي شاعرن تمام سٺا نثري نظم لکيا. هن وقت جيڪي شاعر نثري نظم لکي رهيا آهن انهن شاعرن ۾ وفا صالح راڇپر ساراهڻ جهڙو شاعر آهي. جنهن هڪ مجموعي جيترا بهترين نثري نظم لکي پاڻ کي نثري نظم جو سٺو ۽ سگهارو شاعر مڃرايو آهي. هن پيار، امن جي شاعر جو اصل نالو محمد صالح راڇپر ادبي نالو وفا صالح راڇپر آهي. سندس جنم ڀومي ڳوٺ وڏي وهٽيءَ ۾ ٿيو. جيڪو تعلقي ڏوکري ۽ ضلع لاڙڪاڻي ۾ آهي اهو ڳوٺ وڏي وهٽيءَ جي خوش نصيبي آهي جو وفا صالح راڇپر جهڙي پياري ماڻهو ۽ پياري ليکڪ جو جنم ٿيو آهي. هن پنهنجي لکڻ جي شروعات 1995ع کان ڪئي. هونءَ ته وفا صالح راڇپر مضمون، ڪالم، مقالا، اڀياس ۽ تنقيدي مضمون به لکيا آهن ۽ لکندو رهي ٿو. پر سندس اصل ۽ صحيح سڃاڻپ ڪهاڻي ۽ شاعري آهي. ڪهاڻيءَ جي حوالي سان سندس شمار نئين ٿهيءَ جي سٺن ۽ سگهارن ڪهاڻيڪارن ۾ آهي. پنجن ڇهن سالن جي قليل عرصي ۾ ادبي لحاظ کان جيتري ترقي ۽ جيتري سڃاڻپ وفا صالح راڇپر ڪئي آهي اهو

هڪ حيرت انگيز ۽ نيڪ فال مثال آهي. جنهن کي سندس ڪارنامو چئي سگهجي ٿو. ڇو ته اهڙو اعزاز تمام گهٽ شاعرن کي نصيب ٿيو آهي هتي صرف مون کي سندس شاعريءَ تي لکڻو آهي. جيڪا نثري نظم جي صورت ۾ منهنجي سامهون آهي. شاعري ڪرڻ لاءِ شاعر وٽ ٻن مکيہ خوبين جو هجڻ ضروري آهي . هڪ ڏاڻءَ ۽ ٻي ذات. جنهن شاعر وٽ صرف ذات آهي پر ڏاڻءَ ڪونهي اُهو به مڪمل شاعر ناهي ۽ جنهن شاعر وٽ ڏاڻءُ آهي پر ذات ڪانهي اهو به مڪمل شاعر ناهي. وفا صالح راڄپر هن ڏس ۾ مڪمل شاعر آهي.ڇو ته هن وٽ ڏاڻءُ به آهي ته ذات به آهي. وفا صالح راڄپر پنهنجي دؤر جو سجاڳ شاعر آهي تنهن ڪري هُو پنهنجي وقت جي مسئلن کان چڱيءَ طرح با خبر آهي. سندس شاعريءَ ۾ رومانس به ملي ٿو پر اهو به عام رواجي ۽ غير سنجيده ناهي بلڪ سنجيده ۽ اصلاحي آهي. اڇڪلهہ سڀ کان وڏو مسئلو امن جو آهي جيڪو تشويشناڪ ۽ بين الاقوامي صورت اختيار ڪري چڪو آهي. بم ۽ بارود مظلوم قومن ۽ انسانن جا پرخچا اڏائي ڇڏيا آهن. ڪمزورن ۽ ٿورن جي رت جون نديون وهائي ڇڏيون آهن. بي سهارن ۽ بي ڪنارن جا تختار ڪيڊي ڇڏيا آهن. امن پسندن ۽ سلامتي چاهيندڙن جا لاهہ پٽي ڇڏيا آهن. هر روز هر اخبار جي سرخي رت سان لهو لهان ملي ٿي. معصوم ٻارن جو ڪيس، بي گناهہ عورتن جو قتل عام، ڳوٺين ۾ بند بي گناهہ مزدورن ۽ غريبن جا لاش، پنهنجي ڪم سان ويندڙ شريف ماڻهن جا ٽڪر ٽڪر ٿيل جسم، هر نئين سج، ڦر لٽ ۽ اغوا جا واقعا ۽ حادثا، قدم قدم تي تارچر سيل، وک وک تي دهشت گرديون روز روز حقن جو استحصال، پرماريت، شبخون ظلم جي انتها، ڪربلا جهڙو ماحول، قيامت جهڙو منظر اهڙي چيخ و پڪار ۽ آهہ و بڪا جو عالم ڏسي شاعر سڄو ڏڪي ٿو وڃي. ۽ سندس وار ڪانڊارجي ٿا وڃن اهڙي صورتحال ۾ وقت جڏهن ڪيس گوليون ۽ بم بارود آڇي ٿو ته هو ڇرڪي ٽپ ڏئي پري ٿي بيهي رهي ٿو ۽ وقت کي

معذرت ڪري ٿو ته نہ، نہ مونکي گوليون نہ ڪپن مان انسان ذات کي قتل ڪرڻ نٿو چاهيان. مان ڪنهن بي گناهہ جو رت وهائڻ نٿو چاهيان. مون کي گل ڪپن جيڪي بهار جي علامت آهن. خوشيءَ جي علامت آهن. محبت جي علامت آهن ۽ سلامتيءَ جو پيغام آهن. عشق ۽ حسن جا امين آهن رنگين ۽ خوشبوئن جا پيغامبر آهن. "گل" جي عنوان سان وفا صالح راڄپر جو هي نثري نظم پڙهڻ سان اسان کي اهڙي ئي قسم جو تاثر ملي ٿو. ڏسو ته شاعر ٿورن لفظن ۾ ڪيڏي نہ وڏي ۽ اثرائتي ڳالهہ ڪري ويو آهي، اچو ته سندس اهو نثري نظم پڙهون:

مُون کي،
گوليون نہ پر،
گل گھرجن.
پنهنجي پرينءَ کي
ڏيڻ لاءِ.

وفا صالح راڄپر هي نثري نظم لکي امن ۽ محبت جي پرچار ۽ قتل و غارتگريءَ کان نفرت جو اظهار ڪيو آهي.

ڪارو ڪاريءَ جو مسئلو اسان وٽ ڪافي وقت کان هلندڙ آهي. جيڪو اڄ ڪلهہ ڏاڍي شدت اختيار ڪري چڪو آهي. اهو مسئلو بہ ظلم جي تسلسل جو هڪ خون چڪان ڪڍي آهي جڏهن سنڌي عورتن کان هن مسئلي تي رايا ورتا ويا ته عورتن جي اڪثريت اهو جواب ڏنو ته سنڌي عورت سان سراسر ظلم آهي مسئلا ٻيا بہ هوندا آهن پر هروپرو عورت کي ڪاري چئي ڪنو ويندو آهي.

جنهن معاشري ۾ عورت جو پيءُ، ڀاءُ، مڙس ۽ ڏير يعني چارئي رشتا هڪ ئي خيال جا هجن اُتي عورت پاڻ کي ڪيئن ٿي بي گناهہ، بي قصور ۽ بي ڏوهہ ثابت ڪري سگهي ۽ هن ڪاريءَ کي بي موت مرڻ کان ڪير ٿو روڪي سگهي اهڙي عالم ۾ پيڃي ويڃي ڪٿي لڪي سگهي ٿي. هن موضوع تي نصير سومري جو هڪ شعر آهي جنهن جي

معنيٰ آهي تہ "ڪاري"_ ڪاري کي قتل ڪرڻ وارا پاڻ ڪهڙا اڇا آهن.' هن موضوع تي نصير سومري ٻہ سنو لکيو آهي پر وفا صالح راڇپر هن ڏس ۾ حد ڪري ڇڏي آهي ۽ انتهائي شهڪار نثري نظم لکيو آهي سندس نثري نظم پيش ڪيان ٿو ۽ فيصلو پڙهندڙن تي ڇڏيان ٿو:

ڪاهہ رات،

پنهنجي پيٽ کي،

ڪاري ڪري ماري ڇڏيائين.

۽ اڄ رات،

رات جي ڪاري چادر ۾،

پنهنجي محبوبہ جي،

ڳلن ۽ چپن کي چمندي چوي ٿو:

تون ڪير جهڙي اڇي،

۽ قرآن جيان پوتر آهين.

اسان جي يار وفا صالح راڇپر جو هيءَ نظم اهڙي معاشري جي ڳل تي زوردار چمات آهي. ڪيئن نہ هڪ شخص جي ٻٽي ۽ منافقانہ ڪردار کي وائکو ڪيو اٿس. ۽ سندس ٻهروپ کي اُجاگر ڪري ڪيڏي نہ اثرائتي تنقيد ڪئي اٿس. منهنجي نظر ۾ سندس هي نظم پنهنجي نوعيت جو اعليٰ معيار ۽ اعليٰ درجي جو شاهڪار نظم آهي.

جيئن هر سماج ۾ کي رسم و رواج چڱا ۽ صحيح هوندا آهن تہ کي وري برا ۽ غلط هوندا آهن. تيئن سنڌي سماج ۾ ٻہ چڱن رسمن رواجن سان گڏ کي ڪُڌا ۽ غلط رسم و رواج صدين کان رائج آهن مثال طور عورتن جي قرآن سان شادي، پئسن تي سڱ ڏيڻ، يعني عورتن کي وڪڻڻ، ڇمندي ئي ڇوڪري ڪنهن جي نالي ڪري ڇڏڻ، پئسن جي لالچ تي ڪڇ پوڙهي کي نڪاح ۾ پنهنجون ننڍيون نياڻيون ڏئي ڇڏڻ وغيره پئسن کان سواءِ سڱ نہ ڏيڻ جي ڪري سنڌي معاشري ۾ ٻہ

طرح طرح جي سماجي براين ۾ جرمن جنم ورتو جن جا اُگرا ۾ افسوس ناڪ نتيجا نڪتا آهن. جيئن ته پيٽ جي مسئلي وانگر جنس جو مسئلو به سنجيده ۾ اهم ضروري هو. جهڙي طرح پيٽ جي بک جي اُپاءَ لاءِ جائز نا جائز طريقا اختيار ڪيا، چوريون ۾ ڦرون به ڪيون ٻين جا حق غضب ڪيا. ظلم ۾ زيادتيون ڪيون جرم ۾ گناهه ڪيا. تهڙي طرح جنسي بک مٽائڻ لاءِ ماڻهن عجيب عجيب جرم ۾ گناهه ڪيا. ۾ نهايت غلط ۾ غير انساني قدم کنيا جن جي نتيجي ۾ اغلام بازي، زوري زنا، غير فطري جماع يا زنا جنسي بي راهه روي، اغوائن ۾ لوڙهڻ ٽپڻ جي عمل جنم ورتو جن سان سنڌي معاشري کي خراب کان خراب تر ڪري وڌو عيوضن جي صورت ۾ سگ نه هجڻ جي ڪري هزارين سنڌي بنا شاديءَ جي مري ويا. پنهنجي جاءِ تي اهو به هڪ انتهائي افسوس ناڪ ۾ دکدائڪ تاريخي ۾ سماجي واقعو آهي جنهن کي حادثو ۾ سانحو چوڻ وڌيڪ جائز ۾ صحيح آهي. لڳ ڀڳ اهڙي ئي صورتحال کي سامهون رکي وفا صالح راڄپر نظم "ڪافر" کي جنم ڏنو آهي. سندس سوچڻ جو انداز، اسلوب ۾ طرزِ بيان حيرت ۾ وجهندڙ آهي. انفراديت ئي شاعر جي بنيادي سڃاڻپ ٿئي ٿي ۾ اها خوبي وفا صالح راڄپر جي هر نثري نظم ۾ ملي ٿي. سندس هي سمورو نظم به ڪوٽ ڪرڻ جهڙو آهي.

مون قرآن کي ڪتاب چيو،
ماڻهو مونکي ڪافر چوڻ لڳا
مون پنهنجي شاعريءَ کي،
قرآن جي آيت سان پيٽيو،
ماڻهو مونکي دهريو ۾ چريو سڏڻ لڳا.
پر، ڪلهه هُن،
ڪاغذ جي چند ٽڪرن تي،
پنهنجي ڏيءَ وڪٽي ڇڏي.

نياڻي، جيڪا
ست قرآن آهي.
هُن ڏيءَ نہ پر ست قرآن وڪيا،
مون ماڻهن کان اهو سوال ڪيو تہ:
آنءُ، ڪافر ءِ دهريو ٿي ويس
پر جنهن نياڻي وڪي
ڇا اهو مسلمان آهي!؟

ڪيڏي نہ افسوس جي ڳالهہ آهي تہ ماڻهو بنا سوچڻ سمجهڻ جي ڪنهن کي ڪافر ءِ دهريو چئي ٿا چڏين. جڏهن تہ انهن کي اها خبر ئي ناهي تہ ڪافر ءِ مسلمان جي وچ ۾ بنيادي فرق ڪهڙو آهي. ڏاڙهي تہ چور ءِ ڏاڙيل بہ رکيون وتن ٿا. تسبيح ءِ اڇي گول ٽوپي تہ مون جرائم پيشہ ماڻهن کي بہ ڏٺي آهي. نماز ءِ روزو تہ جيلن ۾ اهي قيدي بہ ڪن پيا جيڪي خونن، ڏاڙن، اغوائن جي ڪيس ۾ جهليل آهن. قرآن پاڪ جون تلاوتون ءِ خير خيراتون ڪندي مون پاڻاريدارن، نشي جا واپاري، نجي جيلن جا ڏٽي، سود خور، ملاوٽ ڪندڙ راشي، مهانگيون شيون ڪپائيندڙ ءِ ٺڳ باز بہ ڏٺا آهن اهڙي ئي طريقي سان حج جو مسئلو آهي اڄي ماڻهو ڪنهن غريب هاري جي ڏڃن جو جوڙو چورائي حج ڪري ايندا هئا. ڪي وري هتان حج لاءِ ويندا هئا تہ اتان سستو سون خريد ڪري هتي اچي چئوٽ تي ڪپائيندا هيا. اهڙي طرح ٻيا بہ غلط سلط پئسن سان حج ڪندا رهيا. اهڙا سيئي ماڻهو ڪيئن ٿا مسلمان ٿي سگهن. مسجدن ءِ امام بارگاهن ۾ مسلمان نمازون پڙهندي قتل ڪندي، ڪٽان جي ءِ ڪهڙي مسلماني آهي....!؟ تنهنجي معنيٰ آهي مسلماني ايمان ڪا ٻي شئي آهي. ءِ مسلمان ئي مسلمان آهي بدمعاش شرافت جو لباس پائي ءِ شريفن جهڙي شڪل صورت بنائي شريف نٿو ٿي سگهي. اهڙي صورتحال کي سامهون رکندي پٽائيءَ صاحب چيو آهي تہ:

روزا نماز بندگي ايءَ پڙ ڇگو ڪم،
اُو ڪو ٻيو فهم، جنهن سان پسين پرينءَ کي.

ساڳي خيال کي ڊاڪٽر علامہ اقبال پنهنجي رنگ ۾ هيئنءَ پيش ڪيو آهي:

میں جو سر بسجدہ ہوا کہیں، تو زمیں سے آنے لگی صدا،
تیرا دل تو ہے صنم آشنا، تجھے کیا ملے گا نماز میں۔

انهيءَ ساڳي خيال کي برصغير جي ٻين شاعرن ٻه پنهنجي پنهنجي زبان ۽ٻيان ۾ پيش ڪيو آهي.

سوال ڇا هي ته جڏهن ٻه ڪو مسلمان ۽ سچو دانشور يا شاعر عام سطح کان مٿي سوچڙ لڳندو آهي ته سطحي خيال جا ماڻهو ان کي ڪافر، دهريو، جادوگر يا ڪوڙو چوڙ لڳندا آهن. حالانڪ حقيقت ان جي برعڪس هوندي آهي. تاريخ هن حقيقت جي گواهہ آهي ته جڏهن ٻه ۽ جن ماڻهن ٻه معياري سچ ڳالهائڙ شروع ڪيو ته ان وقت ئي انهن کي ڪافر چئي کين اذيتناڪ موت ماريو ويو. ڪن کي زهر ڏنو ويو. ڪن کي ڦاسي ڏني ويئي، ڪن کي صليب تي ٽنگيو ويو. ڪن کي گهاڻي ۾ پيڙهيو ويو. ڪن کي ڪيئن ماريو ويو ته ڪن کي ڪيئن. وفا صالح راڇپر جو نظم "ڪافر" ٻه رخو ۽ ٻن معنائن وارو آهي. هن نظم ۾ هڪ طرف نياڻين کي وڪرو ڪرڙ تي تنقيد ڪئي وئي آهي جيڪي اسلام ۽ مسلمان جي فلسفي ۽ مقام کي نہ سمجهي سگهيا آهن ۽ صرف چمڪي تي بندوق هڻي رهيا آهن جن کي پنهنجو ٻه هوش ڪونهي ته هو پاڙ ٻه اصلي مسلمان آهن يا نہ.....!؟ ڇو ته اسلام کي سمجهڙ مذاق ناهي ۽ مسلماني ڪا اڪ جي ماکي آهي؟. وفا صالح راڇپر جو "ڪافر" نظم فڪري حوالي سان لاڀائتو ۽ سگهارو آهي جيستائين شاعر سنجيده نڻو ٿئي تيستائين هو سنجيده ۽

معياري شعر ۾ نٽو لکي سگھي. سنجيدگي جيڪا خوشين سان نہ پر لڙکن سان وابستہ آھي مختلف قسمن جا دک ئي شاعر کي سنجيده کن ٿا. جيئن ڪچو گھڙو آويءَ جي باھہ مان سڙي پچي راس ٿي لال ٿي ٻاھر نڪري ٿو تنھنڪري شاعر اھا حقيقت شدت سان سمجھي ۽ محسوس ڪندي پنھنجي ھڪ نظم "خوشيون" ۾ رقم طراز آھي تہ:

اي خدا!
منھنجي پاڻ جون،
سموريون خوشيون،
دکن ۾ ميساري ڇڏ.
تہ جيئن،
اڃان بہ وڌيڪ
منھنجي لکٽين ۾ گھرائي پيدا ٿئي.

عبادت کي صرف روزن نمازن تائين محدود رکڻ عبادت جو ھمہ گيريت ۽ وسعت کان انڪار ڪرڻ جي برابر آھي. روزو نماز بہ ڇگو ڪم آھي پر سڀ ڪجھہ روزا نماز ناھي. روزو نماز عبادت جو ھڪ حصو آھي سموري عبادت جي ماحاصل ناھي مذھب جي گھري مطالعي کان پوءِ ھن سلسلي ۾ وڌيڪ بحث ڪرڻ جي ضرورت نہ رھندي. سيني کي خبر آھي تہ ھر نيڪ ڪم ثواب آھي ۽ ھر ثواب عبادت جي نشاني آھي. تنھن ڪري مظلوم جي پاسداري ظالم جي دلشڪني، ڪوڙ کان نفرت سچ سان محبت، انڊي کي دڳ لائڻ، بکئي کي ماني کارائڻ، ڪنھن کي مصيبت ۾ ڪم اچڻ، ڪنھن اڳاڙي جو انگ ڏيکڻ، ڪنھن ايايل کي پاڻي پيارڻ، ڪنھن ٻڌندڙ کي ڪناري لائڻ، ڪنھن بيمار جو علاج ڪرائڻ، ڪنھن لاوارث تي ھٿ رکڻ، ڪنھن بي سھاري کي پناھہ ڏيڻ، اھي سيئي نيڪيون عبادت ۾ شامل آھن.

وفا صالح راڇپر سچ کي عبادت جو درجو ڏيندي "عبادت" جي عنوان سان هي نظم لکيو آهي سندس چوڻ آهي تہ سچ عبادت آهي اهو درست آهي هن نظم ۾ شاعر جيڪا لفظن جي چونڊ ڪئي آهي اها پنهنجي جاءِ تي جدا قابل داد آهي ۽ سندس خيال ۽ سوچ جدا قابل تعريف آهي. اچو سندس اهو نظم پڙهون:

مون ڪڏهن بہ،
ڪنهن مسجد، مندر،
يا ڪليسا ۾ وڃي،
عبادت ناهي ڪئي
منهنجو،
سچ لکڻ/چوڻ
ڪنهن عبادت کان
گهٽ آهي ڇا؟

جڏهن ڪنهن انسان جي زندگيءَ ۾ هڪ ٻئي پٽيان جوق در جوق ڏک ۽غم داخل ٿيندا وجن ۽ خوشيون موڪلائيندیون وجن ۽ انسان غمن جي انبار ۾ دٻجي وڃي تہ پوءِ خوشين جو احساس ئي نٿو رهي. غمن ۽ ڏکن جي اهڙي پل صراط تان وفا صالح راڇپر جي محسوسات جو قافلو بہ گذريو آهي جنهن جي نتيجي ۾ هن "ڏک" جي عنوان سان هي نظم لکيو آهي. خوشين کان مڪمل طور تي مايوس ٿي وڃڻ جي عمل ۽ردعمل شاعر کان هي نثري نظم لکرايو آهي ٿورن لفظن ۾ گهٽي ڳالهہ هن ريت ڪئي اٿس.

زندگيءُ ۾،
ايترا تہ ڏک ،
مليا آهن.
جو هاڻ،
خوشيءَ جو،

احساس ئي نٽو ٽٽي.

شاعر خود بہ محبت ڪري ٿو محبت جي تبليغ ۽ پرچار بہ ڪري ٿو ۽ محبت جي پاسداري بہ ڪري ٿو تہ طرفداري بہ. انسان اُنس مان نھيل آھي تنھنڪري محبت ھن جي فطرت ۾ داخل آھي. ھر انسان ۾ محبت جا جراثيم ھوندا آھن بلڪ ائين ڪٽي چئجي ھر جاندار پيار ڪري ٿو. ان مان ثابت ٽئي ٿو تہ محبت جو زندگيءَ سان چولي دامن وارو ساٿ آھي. اھو ئي سبب آھي جو پکي پکڙ ۽ ڪيڙن ماکوڙن کي بہ پاڙ ۾ پيار محبت ڪندي ڏٺو ويو آھي. پکين جو گڏجي ترڻ، ولر ڪري اڏڻ، گڏجڻ ، چڳڙ، گدڙن ۽ ھرڻين ھرڻن جو ميڙن جي صورت ۾ گڏجي ھلڻ، مڇين جو گڏجي قطارن جي صورت ۾ ترڻ ۽ گھمڻ ڦرڻ، ماکوڙين جو قطارن ۾ ھلڻ، ڍڳن ڍورن جو گڏجي چرڻ ۽ گڏجي رھڻ اھي سڀ ئي علامتون محبت جون علامتون آھن. نہ صرف امن ۽ صلح پسند، شريف ۽ حساس جانورن پکين ۽ جيتن جيتامڙن جي فطرت ۾محبت جي خوبي سمايل آھي پر باز نانگ، شينھن، بگھڙ واڳون ۽ چيتي جھڙن خونخوار ظالم قاتل بي مروت ۽ نامھربان جاندارن ۾ بہ محبت جي لھر ۽ لوچ ساڃاھ ۽ سوچ لڌي وئي آھي. پکين ۾ محبت جو مثال ڏيڻ خاطر مان حضرت شاھ عبداللطيف ڀٽائي سائين جي ھڪ بيت ھڪ ست پڙھندڙن آڏو پيش ٿو ڪيان تہ:

ولر ڪيو وتن، پرت نہ ڇنن پاڙ ۾.

وفا صالح راڄپر بہ ھڪ انسان ھجڻ جي ناتي سان محبت ڪئي آھي. ۽ ھڪ شاعر جي حيثيت سان محبت ۽ ان جي مختلف پھلوئن تي تجرباتي ۽ مشاھداتي روشني وڌي آھي. اچو تہ سندس رومانوي شاعريءَ ۾ محبت جي مختلف پھلوئن جو اپياس ڪيون. ۽ ڏسون تہ ھن شاعر جي نظر ۾ محبت ڇاھي! ۽ محبت ۽ حسن جي ڪيتري اھميت آھي.؟ ۽ دل جو ڪھڙو ۽ ڪيترو معيار يا ڪردار آھي ؟ ھو

حسن ۽ عشق جي نشيب و فراز کي کڻڻي دماغ سان سوچي ٿو.؟ کڻڻي دل سان محسوس ڪري ٿو ۽ کڻڻي نظر سان ڏسي ٿو.؟ دل هڪ خود مختيار ۽ رئيس عضوو آهي جنهن تي نه ڪنهن بادشاهه جو زور هلي ٿو ۽ نه ڪنهن ٻئي جو اختيار! ايتري تائين جو دل موت جي خوف کان به مرغوب نه ٿي ٿئي. هن کي ڪو دهشتگرد هيسائي سگهي ٿو ۽نه ئي ڪو ڏاڙيل، نه هن تي ڪنهن دولت جو اثر ٿئي ٿو ۽ نه ڪنهن طاقت جو.ڪٽي متن مائٽن سوڏو سڄو سنسار آڏو اڇي پر هٿيار ڦٽا نه ڪندي آهي. اهڙي ئي خيال کي شاعر ڏاڍي موزون ۽ منفرد اثرائتي ۽ وقتائتي انداز سان پنهنجي هڪ نثري نظم ۾ واهه جو نيايو آهي "ڦورو" جي عنوان سان لکيل سندس هي نثري نظم هن ڏس ۾ هڪ شاهڪار قابلِ تعريف ۽ ناقابل فراموش آهي اچو ته پڙهي ڏسون.

آنءُ لٽيرو ۽ ڦورو آهيان
مون رائيفل جي زور تي
کوڙ سارن،
ماڻهن کي لٽيو ۽ ڦريو آهي.
پر افسوس جو،
آنءُ گهڻي ڪوشش جي باوجود، به
رائيفل جي زور تي
هن جي دل ڦري نه سگهيو آهيان.

محبوبہ جي مسڪراهٽن کي سيني شاعرن ڳايو ۽ ساراهيو آهي پر وفا صالح راڇپر جي ساراهڻ جو نمونو ئي اور آهي انداز ئي انوکو ۽ منفرد آهي "مسڪراهٽ" جي عنوان سان سندس هي نثري نظم پنهنجو مٽ پاڻ ۽ ساهه ۾ سانڍڻ جهڙو آهي.

سال ۽ صديون،
گذري وڃڻ کان پوءِ به،
مان تنهنجي،

چپن جي مسڪراهٽ
وساري ناهيان سگهيو
ڇاڪاڻ تہ،
تنهنجي اها مسڪراهٽ،
منهنجي وجود جو،
حصو بنجي وئي آهي.

اڇو تہ هاڻي اهو ڏسون تہ وفا صالح راڇپر وٽ سندس محبوب جو معيار ۽ مقام ڪهڙو آهي "قسم" جي عنوان سان هڪ خوبصورت نثري نظم پڙهي ڏسو.

تون مونکي،
پنهنجو قسم نہ ڏجانءِ
ڇو تہ.
آءٌ خدا جو قسم کٽي،
مُکري تہ سگهان ٿو.
پر
تنهنجو نہ.

جيتوڻيڪ ياد ۽ يادگيريءَ جي حوالي سان اسان جي لوڪ شاعريءَ ۾ هڏڪيءَ جو ذڪر ۽ تصور گهڻو ملي ٿو. پر لوڪ شاعريءَ کان هٽي ڪري بہ قديم ۽ جديد شاعرن پنهنجي شاعريءَ ۾ هڏڪيءَ جو ذڪر ڪيو آهي، عام طور تي ايئن سمجهيو ويندو آهي تہ هڏڪي تڏهن ايندي آهي جڏهن ڪو ياد ڪري پر عاشقن ۽ شاعرن هڏڪيءَ کي صرف محبوب جي ياد سان منسوب ۽ وابستہ ڪري ڇڏيو آهي. اهڙو ئي دل جي تارن کي ڇهندر نثري نظم (هڏڪيون) جي عنوان سان وفا صالح راڇپر لکيو آهي. شاعريءَ ۾ نہ صرف هڏڪيءَ کي اهميت حاصل رهي آهي پر ساڳي وقت اک جي ڦڙڪڻ ۽ ڪانگ جي لنوڻ

ڪي ٻ شاعرن پنهنجي شاعريءَ ۾ ڪافي اهميت ۽ جاءِ ڏني آهي. هڏڪيءَ جي باري ۾ وفا صالح راڄپر جو هي نظم پڙهو:

ماڻهو چون ٿا تہ،
تو مون کي وساري ڇڏيو آهي،
پر آئون اهو ڪيئن مڃان؟
ها!
جڏهن هڏڪيون اڇڻ،
بند ٿي ويندیون
تڏهن مان
سمجهندس تہ
تو، مونکي
وساري ڇڏيو آهي.

رسڻ ۽ پرچڻ پيار ۾ لازم ۽ ملزوم شيون آهن اهڙي طرح محبت ۽ نفرت هڪ ئي تصوير جا ٻ رخ آهن. شاعر پنهنجي محبوب جي نفرت ۽ محبت جي رد عمل کي جنهن طريقي سان قبول ڪيو آهي يا جيڪو اثر ورتو آهي اهو نهايت جذباتي شدت ۽ جنون جي حد تائين آهي شاعر هن خيال کي جنهن جوش ۽ جذبي رُجحان ۽ شدت واري انداز سان نپايو آهي ان انداز ۽ بياني ڪيفيت هن نثري نظم کي امر ڪري ڇڏيو آهي. اهڙي جذباتي نظم لکڻ ۾ شاعر جي ڦوهہ جواني‌ءَ جو هٿ آهي. ورنہ اسان جهڙو نريل گوشت جيڪڏهن هن موضوع تي لکي ها تہ ان ۾ جذبي جي شدت بدران فلسفو سمايل هجي ها. هي نظم "هات لائن" جي بجاءِ "ڪولڊ ڪارنر" سان تعلق رکندڙ هجي ها. اچو تہ هن تاڙيءَ جي شراب جهڙي گرم نظم مان اوهان ٻ ٻ ڏڪ پري ڏسو ۽ فڪري نشي سان مخمور ۽ مدهوش ٿيو. جيئن مان هوش ۽

حواس وجائي چڪو آهيان هن نظم جي عمرخيامي جام پيئڻ ڪانپوءِ_ اهو نظم آهي نفرت ۽ محبت:

تو جڏهن،
مون سان نفرت ڪئي،
تہ مون،
پنهنجو پاڻ کي وساري ڇڏيو.
پر جڏهن،
تو مون سان محبت ڪئي
تہ، مون،
خدا کي وساري ڇڏيو.

اسان جي سموري ڪلاسيڪل شاعري تي تصوف جو رنگ ڇڙهيل آهي. خاص طور تي غزل تہ پيداوار ئي تصوف جو آهي نہ صرف غزل ۾ قديم شاعريءَ تي تصوف جو اثر آهي ۽ نہ صرف صوفي شاعرن جي شاعري تي تصوف جو رنگ ڇڙهيل آهي پر اڄ جي جديد شاعري ۾ تصوف جي اثر کان بچي نہ سگهي آهي. ايتري تائين جو فيض ۽ اياز جهڙن جديد ترين شاعرن ۾ پنهنجي شاعريءَ کي تصوف جي گيڙو رنگ ۾ رنگي ڇڏيو. اهو فڪري رنگ نہ صرف غزل تائين محدود ۽ مقيد رهيو پر هن صوفي رنگ نثري نظم جو رنگ ۾ گيڙو ڪري وڏو. تصوف ۾ جتي سوز و گداز ملي ٿو. اتي حال ۽ وجدان ۾ ملي ٿو. تہ خودشناسي ۽ خود فراموشي ۾ ملي ٿي وجداني ۽ جنوني ڪيفيت ۾ شاعرن ۽ عاشقن پنهنجي محبوب کي وڃي خدا سان ملايو. آخر اهو فيصلو ڪرڻ مشڪل ٿي پيو تہ خدا محبوب آهي يا محبوب خدا آهي اهڙي ئي ڪيفيت مان گذرندي اردو زبان جي مشهور شاعر سيد عبدالحميد "عدم" پنهنجي هڪ غزل جو مطلع هن ريت لکيو آهي جيڪو متي ذڪر ڪيل خيال جو دليل ۾ آهي تہ مثال ۾.

وحشت ميں اس حسيں کو خدا کہہ گيا ہوں ميں

پھر بھی جو کہہ گیا ہوں، بجا کہہ گیا ہوں میں۔

نہ صرف اهو شعر پر مشرقي قديم ۽ جديد شاعري ۾ اهڙا شعر هزارن جي تعداد ۾ ملن ٿا جيڪي "عدم" جي هن خيال جي وڪالت ۽ عدالت ڪن ٿا. تصديق ۽ تائيد ڪن ٿا. اهڙي ئي فڪر سان تعلق رکندڙ وفا صالح راڇپر جا ٻه نثري نظم منهنجي سامهون آهن. جيڪي وجداني ڪيفيت ۾ لکيل آهن ۽ فڪري حوالي سان جن جي معنيٰ ٻه لڳ ڀڳ ساڳي آهي. انهن ٻنهي نظمن جي گڏيل مطالعي مان اسان کي ساڳي ڪيفيت ۽ حقيقت ملندي ۽ ساڳيو تاثر ۽ رد عمل ملندو اچو تہ ٻنهي نثري نظمن کي پڙهون ۽ شاعر جي وجداني ڪيفيت ۽ عاشقاڻي اڻپروچ ۽ شاعراڻي جرئت پري سوچ کي آفرين چئون.

خدا کي ڪنهن وساريو آهي ڇا؟

ڪلھ فون تي،
ڳالهائيندي چوڻ لڳي،
وساريو تہ ڪونہ اٿئي،
رسيور کي چمندي چيم،
خدا کي ڪنهن وساريو آهي ڇا؟

خدا آهين تون

تنهنجون يادون،
مون لاءِ وندر
تنهنجو پيار
مون لاءِ ملڪيت
۽ تون
مون لاءِ خدا آهين.

اغوا ڪرلٽ دهشتگردي ۽ ڪس ڪسان جي دور ۾ جتي ٻين سيني ماڻهن جون عورتون لٽيون، ڦريون ۽ اغوا ٿيندیون رهيون آهن اتي

عاشقن ۾ شاعرن جون محبوبائون بہ اغوا ٿيندیون رهيون آهن. يعني اهڙي ارهہ زورائي ۾ ڏاڍ مڙسي جي دور کان ۾ دور جي ظلم تشدد کان هڪ ڪمزور ۾ امن پسند شاعر بہ بچي نہ سگهيو آهي. سو شاعر ويچارو بہ پنهنجي محبوبہ کسائي وينو آهي. ظلم جي تسلسل کان هاڻي کيس ڊپ آهي تہ متان سندس محبوبہ وانگر سندس خواب بہ نہ کسجي وڃن. جيڪي سندس محبوبہ سان تعلق رکن ٿا. انهيءَ انديشي کي ذهن ۾ رکندي هڪ شاعر "گروي" جي عنوان هڪ ڇرڪيل، ڊنل ۾ هيسيل نثري نظم لکيو آهي اڇو تہ هن نثري نظم ۾ اهو ڏسون تہ شاعر اهڙي ڪم جي ظالماڻي عمل جو ردعمل ڪهڙن لفظن ۾ قبول ڪيو آهي ۾ هن لهجن ۾خيالن کي ڪهڙن جذبن ، لهجن ۾ محسوسات ۾ تقسيم ڪيو آهي. مان سمجهان ٿو تہ پنهنجي نوعيت جو هي شاهڪار ۾ بهترين نثري نظم آهي.

مون يادن جي ضمانت ڏئي.
تنهنجا خواب گروي رکيا آهن
ان خوف کان تہ،
متان تو جيان ڪوئي مون کان
منهنجا خواب نہ کسي وڃي.

محبوبہ جي بي رخي، بيوفائي ۾ هرجائي پڻي جو ذڪر هر شاعر ڪيو آهي تقريبن پنجاهہ فيصد مشرقي شاعري محبوبہ جي بي رخي هرجائي پڻي ۾بيوفائي سان تعلق رکي ٿي. اردو شاعريءَ ۾ اهڙي قسم جو ذڪر تمام گهڻو ملي ٿو. خاص طور تي ورهاڱي کان اڳ جي شاعريءَ ۾ ورهاڱي کان پوءِ جي شاعريءَ ۾ بہ اهڙو ذڪر ملي ٿو. پر تمام گهٽ، اڳي محبوبہ جي بيوفائي، بي رخي جا اسباب ٻيا هئا ۾ هاڻي ٻيا آهن. ڇو تہ ورهاڱي کان اڳ واريون محبوبائون گهڻو ڪري سڀ بازاري هونديون هيون ۾ رقص و نغمي سان تعلق رکنديون هيون. انهن سان ڪي آڳرين تي ڳڻڻ جيتريون هونديون جيڪي گهريلو زندگيءَ

سان وابستہ هوندیون هیون. ورنہ مڙئي ٿيو خير. انهي جي مقابلي ۾ اڄ جون محبوبائون گهريلو سگهڙ ۽ گرهستي قسم جون آهن ۽ اهڙا اول ڇل ۽ ڦير فند ڪونہ ٿيون ڄاڻن. پيار جي دنيا۾ شريف محبوبائن کي قدر جي نگاهن سان ڏٺو ويو آهي ۽ آواره قسم جي محبوبائن کي ننديو ويو آهي. هر شاعر پنهنجي محبوبہ جي بي رخي ۽ بيوفائي کي پنهنجي پنهنجي انداز سان قبول ڪيو آهي ۽ اثر ورتو آهي. ۽ اهو فطري رد عمل آهي. توهان ڏهن ماڻهن کي هڪ ئي قسم جو نشو پياري ڏسو. توهان ڏسندو تہ هر پيئندڙ تي نشي جو اثر جدا جدا طريقي سان ظاهر ۽ رونما ٿيندو. جيتوٽيڪ نشو ساڳيو ئي هوندو آهي پوءِ اهو نشو شراب جو هجي يا پنگ، چرس هجي يا ٻي ڪا نشہ آور شيءِ ڪو ڪلڙ لڳندو آهي تہ ڪو روئڙ لڳندو آهي تہ ڪو الٽيون ڪرڙ لڳندو آهي تہ ڪو ٽڙڙ ٽاپڙڙ لڳندو آهي جيئن ساڳي نشي جو اثر ماڻهن تي جدا جدا صورتن ۾ ظاهر ٿئي ٿو تيئن پيار جو اثر بہ مختلف ۽ منفرد ڪيفيت سان جلوه گر ٿئي ٿو. مطلب تہ جهڙي ماڻهو جي فطرت هوندي تهڙي ماڻهوءَ جي سوچ هوندي. عشق جي اهڙي ڪيفيت بلڪ اهڙي فطري ڪيفيت جي نقاب ڪشائي ڪندي هڪ اردو شاعر هن شعر کي جنم ڏنو آهي.

عشق کی چوٹ تو پڑتی ہے دلوں پر یکساں،
ظرف کے فرق سے آواز بدل جاتی ہے۔

جيڪي جذباتي ۽ مطلب پرست عاشق هوندا آهن جن جي پيار جي شروعات بہ جنس هوندي آهي ۽ اختتام بہ جنس. اهي محبوبہ جي جدائي گهٽ برداشت ڪندا آهن ۽ ٿوري گهٽي ڳالهہ تي محبوبہ کي سنگدل، هرجائي، بيوفا، غفلت شعار ۽ الائي ڇا جو ڇا چئي ڏيندا آهن. اهڙا عاشق صرف جسم تائين پهچي سگهندا آهن جڏهن تہ پيار جو

معراج ۾ "ڪلائيمڪس" روح جو مجبور ٿي وڃڻ آهي. اهڙي اڏورن ۾ اڻپورن عاشقن لاءِ شاهہ سائين هيئن چيو آهي:

ڦريا پسي ڦيڻ، ڪرين ڪير نہ چڪيو،
دنيا ڪارڻ دين، وڃائي ولها ٿيا.

هڪ ٻئي جي پيار تي جڏهن ٻنهي ڌرين کي مڪمل يقين ٿي وڃي تہ پوءِ جسماني طور ملڻ جي ايتري ضرورت نہ ٿي رهي. ڇو تہ پيار جي سچائي واري منزل تي پهچڻ کان پوءِ محبوبہ عاشق جي دل ۾ گهر ڪري ويهي ٿي رهي ۾ عاشق ٻاهر جي ٻجاءِ اندر ڏسڻ لڳي ٿو. هن قسم جي عاشقن جو هجر ۾ وصال هن قسم جو ٿي ويندو آهي :

دل کے آئینے میں ہے تصویر یار
جب کبھی گردن جھکائی دیکھ لی۔

اهڙا عاشق جيڪي عشق ۾ تجربيڪار هوندا آهن ۾ پڪا پختا هوندا آهن. انهن جي عشق ۾ صبر، تحمل دور انديشي، برداشت ۾ رعايت جو عنصر هوندو آهي. اهڙا عاشق گهٽو ڪري وڏي عمر جا، عورت جي نفسيات کي سمجهندڙ ۾ سماج جي روين کان باخبر هوندا آهن. اهڙن عاشقن کي خبر هوندي آهي تہ جيڪڏهن پيار آهي تہ پوءِ محبوبہ کنهن بہ صورت ۾ ملڻ جي ڪوشش ڪندي ۾ جيڪڏهن ميل جول ۾ ٿوري رڪاوٽ پيدا ٿي وئي آهي ۾ نہ ٿي ملي تہ ان ۾ سندس چند مجبورين جو هٿ هوندو سندس مرضيءَ جو ڪوبہ دخل نہ هوندو. اهڙي سنجيده پيار جو هڪ سنجيده مثال شعر جي صورت ۾ حاضر آهي.

کچھ تو مجبوریاں رہی ہونگی،
یوں کوئی بیوفا نہیں ہوتا۔

عشق جي معاملي ۾ وفا متين ٻنهي خيال کي رد ڪندي بہ طرفي حقيقت بيان ڪئي آهي، جيڪا فڪري لحاظ کان معتبر ۾ حق

بجانب آهي. وفا صالح راڄپر "وفا" جي عنوان سان هن نظم ۾ محبوبہ جي بي رخيءَ کي منفرد انداز سان محسوس ڪيو آهي. جنهن ۾ پيڃتاءَ جو شديد احساس بہ ملي ٿو ڏسون تہ شاعر محبوبہ جي بي رخيءَ واري عمل ۽ ان عمل جي ردِ عمل کي ڪيڏي نہ سوچيندڙ نموني سان قبول ڪيو آهي ۽ ان جو اثر ورتو آهي چوي ٿو :

تنهنجي،
بيرخيءَ جو ڏڪ نہ،
پر،
توسان ڪيل،
وفا جو ڏڪ آهي.

پيار جو ڪيڏو نہ عجيب فلسفو بيان ڪيو آهي. شاعر پنهنجي هن نظم ۾ چوي ٿو تہ تنهنجي بي رخي جو مون کي ڪوبہ ڏک ناهي پر مون کي توسان ڪيل وفا جو ڏک آهي. ايئن چوڻ مان شاعر جو مطلب آهي تہ جنهن سان مان پيار ڪري وينس اهو پيار جي لائق نہ هو ۽ نہ ئي وري وفا شناس هو. تنهنڪري اهڙي ماڻهو جي بي رخي تي، افسوس يا ڏک ڪرڻ بہ درست نہ آهي. البتہ اهو ڏک ضرور آهي تہ اهڙي ماڻهو سان وفا ڇو ڪئي. يعني فڪري لغزش جو شڪار ڇو ٿيس. ۽ پٿر کي هيرو، خار کي گل، لوهہ کي سون، خزان کي بهار، ڪوڙ کي سچ ۽ دشمن کي دوست ڇو سمجهي وينس.

مُرڪ زنده هجڻ جو ثبوت ۽ خوشحال زندگي جي ضمانت هوندي آهي مرڪ، زندگي جي مختصر تشريح ۽ خوشيءَ جو شناختي ڪارڊ هوندي آهي. مرڪ کان سواءِ زندگي ڪنهن پراڻي قبر جي قتبي جيان لڳندي آهي. مرڪ جي اهميت، ضرورت، قيمت، همہ گيريت ۽ وسعت کي بيان ڪندي شاعر "لڙڪن جو پينگ" جي عنوان سان هڪ اهڙو نثري نظم لکيو آهي جنهن مان شاعر جي نهايت حساس ۽ مرڪ شناس هجڻ جي پلي پٽ خبر پوي ٿي. مرڪ تي

سيني شاعرن طبع آزمائي ڪئي آهي ٿلهي ليکي شاعري مرڪن ۾ لڙڪن جو معجون مرڪب ٿئي ٿي. هر شاعر لڙڪن ۾ مرڪن تي پنهنجي رنگ ۾ لکيو آهي وفا صالح راڄپر جو به پنهنجو هڪ الڳ رنگ آهي اسلوب ۾ هڪ انداز فڪر آهي اڇو ته سندس رنگ جي روشنيءَ ۾ مرڪن ۾ لڙڪن جي باري ۾ سندس هي نثري نظم پڙهون ۾سندس جداگانه سوچ ۾ اڇوتي احساسن جو اڀياس ڪيون ۾ڪيس داد ۾ شابس جا هار پارايون.

ڪلهه منهنجون مرڪون،
اغوا ڪيون ويون هيون،
۾انهن جي عيوض مون کان
لڙڪن جو پنگ گهريو ويو.
ان وقت سمنڊ ۾ تلاءَ سڀ سڪل هئا
۾ پوءِ مون اُهي سڀ
پنهنجي لڙڪن سان پري ڇڏيا.
پر اڄان به وڏيڪ مونکان
لڙڪن جو پنگ گهريو ويو
پر منهنجي اکين ۾ هاڻ ته
لڙڪ بچيا ئي ڪونه آهن.
ها آهي ڪوئي جو مون کي
ٿوري وقت لاءِ،
پنهنجا لڙڪ اڌارا ڏئي،
آئون واعدو ٿو ڪيان ته
مرڪون واپس ملڻ تي
آئون انهن لڙڪن جي قيمت
چڪائي ڇڏيندس.

درد هڪ اهڙو ڏکيل ۽ ڏٽيل احساس ٿئي ٿو جيڪو ڪنهن نہ ڪنهن طريقي سان اظهار چاهيندو آهي. درد جي اظهار جا ٻہ ذريعا آهن هڪ زبان ۽ٻيو اکيون. عام درد جو اظهار تہ چپن يا زبان سان ٻہ ڪري سگهجي ٿو پر محبت جي درد جو اظهار صرف اکيون ئي ڪري سگهنديون آهن. ۽ اکيون ئي اهڙي قسم جي اظهار جو مناسب ۽ موزون ذريعو هونديون آهن پر سچو عاشق محبوب جي بدنامي جي خوف کان، چپن سان تہ ڇا اکين سان ٻہ اهڙي درد جو اظهار ڪرڻ گوارہ نہ ڪندو آهي پر لڙڪ روڪڻ سان ٻہ روڪي نہ سگهبا آهن. ۽ اهي هر قسم جي مصلحت، ضبط ۽ روڪ ٽام جا سمورا بند ڀيڄي ٻوڏ جي پهرين وهڪري وانگر سڀ ڪجهہ لوڙهي ۽ ٻوڙي ڇڏيندا آهن. ۽ صورتحال اها ٿي ويندي آهي جو انهن وهڪرن ۾ اکيون ٻہ لڙهي ويندیون آهن ۽ اکين وارو ٻہ، اهڙي مجبوريءَ جو اظهار اردو غزل جي مُڪ شاعر حسرت موهاني پنهنجي هڪ غزل جي مطلع ۾ بلڪل اهڙي ئي طرح بيان ڪيو آهي جيئن درد جي عنوان سان وفا صالح راڇپر هن حقيقت تان پردو کنيو آهي حسرت موهاني جو شعر آهي تہ.

کیسے چھپاؤں راز غم، دیدہ سر کو کیا کروں،
دل کی تپش کو کیا کہوں، سوز جگر کو کیا کروں۔

ساڳيو ئي اشڪبار ۽ سوڳوار خيال وفا صالح راڇپر هن انداز سان خوبصورت نموني سان نپايو آهي جيڪو دل جي تارن کي ڇُهي ٿو.

درد

مون تنهنجي
وڇوڙي جي درد کي
لڪائڻ ٿي چاهيو
پر اکيون،
انهيءَ درد کي لڪائي نہ سگهيون.

وفا صالح راڇپر جا نثري نظم پڙهڻ کان پوءِ مان حيران آهيان تہ مان وفا صالح راڇپر کي خوبصورت کهاڻيڪار چوان يا نثري نظمن جو خوبصورت شاعر چوان. سچ پچ وفا صالح راڇپر جيترو سهڻو ءِ پلوڙ کهاڻيڪار آهي ان کان ڪيئي حصا وڌيڪ نثري نظم جو شاعر آهي. مان وفا جي ذات ءِ ڏاڻءُ کي سلام ٿو پيش ڪريان.

وفا ناڻن شاهي

تنهنجي نظمن جي پيشانيءَ ڪيئن چمان؟

نيٺ رڳو لڙڪ ئي لڙڪ، پوءِ به هڪ مرڪ کي لڪائڻ ڪيڏو نه مشڪل ٿي پيو آهي. پلا مرڪ آهي ڇا؟ الائي ته ڇا آهي؟ نه حقيقت ۾ لڪڻ ائين گهرجي ته اُها مرڪ ڇا ڇا نه آهي. هر ڏس ۾ پنهنجن ڪيترن نه رنگن ۽ روپن ۾ پئي جرڪي. اونداهي ۾ ڏيئي کي مسلسل بارڻ جو نالو به ته مرڪ آهي نا!... ڪنهن جو ڏنل ڇلو ڏيري ڏيري لاهي وري چمي پائي ڇڏڻ به مرڪ جو ئي ته هڪ انداز آهي نه... واڌن تي وکريل ٻهرن جو ڇٽيل ٻور به ته مرڪ جو ئي هڪ روپ آهي نا! بارش ۾ ڏرتي جي سيني تي اپري ايندڙ ڪير جهڙي ڪنيي به ته هڪ مرڪ آهي نه..... اگربتين جي مهڪ ۾ مهڪندڙ ڪنهن شهر جي شاهي بازار به ته هڪ مرڪ آهي نه ڪنهن شهر ۾ صبح جو سوير روز وقت تي ڪلندڙ گلن سان ڍڪيل دروازي واري ڪائي لائبريري به مرڪ آهي نه ها اداس شاعري به ته هڪ ماڳ آهي نه؟ جيڪي رڳو پيار ڪري ڄاڻندا آهن. اهي پنهنجي اندر جي مرڪ شاعريءَ ۾ ئي ته رکي ڇڏيندا آهن حرف حرف ڪري لفظ لفظ ڪري، سڏڪو سڏڪو ڪري... ها پر شايد انهن لاءِ جيڪي پيار ڪري ڄاڻندا آهن ۽ جي پيار جي ڳوڙهن کي سجدا ڪرڻ جا قائل هوندا آهن. ٻيا جيڪي ٽڪل دلين ۾ به چانبوڪي کي ڳولڻ جي سگهه رکندا آهن سوچيان ٿو ته ايترن ڳوڙهن وهائڻ کان پوءِ به ماڻهو ڪافي ڪن گلابي ۽ ڪتابي ڇهرن کي ڇو نه وساري سگهندو آهي؟ گونگو آسمان آخر ڪڏهن گواهي ڏيندو؟ اڪيلاين سان جهيڙيندڙ شخص بدترين حالتن جي شيشن تي هلندي به بددعائن جي ديس جو پاڻ کي واسي ڇو ناهي سمجهندو. چنڊ تان ڪرڻ کان پوءِ به هو پنهنجي ڳيا ڳيل ٽيل جيون کي ڪنهن جي تات جي تندن سان ٽوپا ڏئي سمنڊ کي ٻيڙي ۾ تاري ڪيئن ڇڏيندو آهي. ۽

پوءِ مرڪ رستن تي پير پٽون ڪندي ڪنديِ نيٺ ساحر ڪيئن ٿي ويندو آهي. ها شاعر ڪيئن ٿي ويندو آهي جيئن منهنجو هي محبتي دوست... وفا صالح راڇپر جي وفا تخلص استعمال نہ ڪري ها تڏهن ہہ تہ وفا ئي هجي ها. ڇو جو هو صالح آهي ۽ جيڪي صالح هوندا آهن انهن ۾ وفا جي خوشبو هوندي ئي هوندي آهي هجڻ ہہ گهرجي. سچ تہ هي ڪيڏو نہ نيارو ۽ ٻاجهارو شخص آهي ننڍپڻ ۾ ٻڌل ٻاراٽي آکاٽي جي ڪنهن رحمدل شهزادي وانگي. اهو شايد سندس نالي جو ئي اثر آهي جو هو اڄ هڪ صالح ياءُ ہہ آهي تہ چاڇو ہہ آهي تہ دوست ہہ... ها محبوب ہہ ... ٻيو جنهن شخص کي سائين صديق منگئي جهڙو دلبر شخص پيارڪري اهو صالح نہ هوندو تہ ٻيو ڇا هوندو. ان جهڙو ڪو ٻيو پاڻ وارو هوندو .... نہ ... نہ ڪوئي ہہ نہ مون لاءِ صالح جي دل ۾ ڪيتري جاءِ آهي سا تہ خبر ناهي، پر هو منهنجو دلبر ضرور آهي... ۽ ساٽس دلبري جو اهو ناتو تڏهن کان آهي جڏهن گهٽا ورهيہ اڳ مان پنهنجي هئنڊ رائٽنگ سڌارڻ لاءِ ٻجاءِ جملن جا جملا لکڻ جي انهن اديبن اداڪارن ۽ ڪرڪيٽرن جا نالا لکندو هئس جيڪي لکڻ ۾ مونکي سنا لڳندا هئا ۽ مان سمجهندو هئس تہ جڏهي اهي نالا لکندو آهيان تہ رڳو ان مهل ئي منهنجي رائيٽنگ سني ۽ برداشت جوڳي هوندي آهي مونکي جن سنڌي اديبن ۽ شاعرن جا نالا لکندي مزو ايندو هو تن ۾ ميڊم مهتاب اڪبر راشدي، فياض چنڊ ڪليري، ماڻڪ ملاح، مير محمد پيرزادو عبدالحميد آس ٻهر، ايوب کوسو، جاويد سحر قريشي، مخمور بخاري، جاويد سوز هالائي. الطاف ملڪاٽي، آسي زميني ۽ ڪجهہ ٻين نالن سان گڏ پوءِ وفا صالح راڇپر جو نالو لکڻ ہہ آڳرين جي عبادت لڳندو هو. واندڪائي وقت سندس نالو لکي ڪيئن پنا ڪارا ڪري ڇڏيندو هئس. بيشڪ منهنجي رائٽنگ تہ ڪاڻ سڌري پر اهي نالا ڪورن ڪاغذن تي لکندي انهن سان ڪا عجيب انسيت ٿي وئي. دل تي لکجي ويا هميشهہ لاءِ.. تروڙا بنجي ويا روشني

جا... تڏهن ته مايوسين جي عالم ۾ به اندر ۾ هڪ ڏيئو ٻرندو رهندو هو. ۽ مان جڏهن به رنس ٻرندڙ ان ڏيئي مان ڪو هٿ وڌائي منهنجا ڳوڙها اگهي ونندو هو. گهٽو پوءِ انهن نالیوارن ادبي شخصيتن مان ڪيترن جي ته پيرن ۾ به جاءِ ملي پاڻ سان. حيران آهيان پنهنجي اهڙي پاڻ تي، هن وقت هي ڳوڙهن جو پرجي اچڻ به جائز آهي اڳ۾ آڳ جي جلڻ جو احساس الائي ڇو مونکي سردي جي ور چاڙهي ڇڏيندو آهي سوال اهو نه آهي ته اسان ڇو روئندا آهيون پر سوال اهو آهي ته آخر اڄان ڀلا ڪيستائين روئندا رهنداسين. لفظن ۾ جڏهن ڪو رومال موڪليندو آهي ته مون پارا وڌيڪ ڇو روئندا آهن. .. چرين چاهتن ڪيترو نه چريو ڪري ڇڏيو آهي. پوءِ به ڪيڏيون نه پياريون آهن. وڇوڙو ته هميشہ ڇپن تي پرين جي طويل چمي جا احساس ارپيندو آهي... وفا جا سمورا نظم ان چميءَ جا ئي ته معجزا آهن. ماٺهو ڪيئن چوندا آهن ته معجزا ٽيڻ بند ٿي ويا آهن مان پاڻ به ته چوندو آهيان شايد (پوءِ حيف هجي مونکي ٻڌ!) منهنجي سامهون وکريل وفا جا هي نظم ڪوئي پڙهي ته ڏسي. ... معصوم... پيارا ... محبوبا جي پهرين خط جهڙا ۽ ها شايد آخري خط جهڙا به، جنهن ۾ وسارڻ جون ڳالهيون ته ٽيل هوندیون آهن پر اصل ۾ چيل ائين هوندو آهي "وساري نه ڇڏجان" پر هي انهن ۾ ڪير آهي جو سڏڪي پيو..؟ وفا آهي يا ڪو ٻيو آهي؟ الائي ڪير آهي..... ڪٿي اهو مان ئي نه آهيان. يا هڪ نظم ۾ ٻيو ڪو اڌورو نظم ته نه آهي. (پر مان سمجهندو آهيان نظم ڪڏهن به اڌورو ناهي هوندو. جي اهو واقعي نظم آهي ته!) ڪوئي ٻڌائي ڪير پيو روئي ڪير پيو ان سڳ کي ڏوڏي جنهن تي هي دنيا بينل آهي. ڪٿي ڪوئل جي ڪوڪ ۾ قيامت نه اچي وڃي. ڪٿي ڳوڙهن کي ڳوڙها نه اچي وڃن ... ۽ هي دل ڦاٽي نه پئي پرم جا پورا پورا نه ٿي وڃن هل ته انور هلي انهن نظمن جي ڳلن تان ڪي ڳوڙها اگهون... هل ته انهن نظمن ۾ روئندڙ سان پنهنجي اکين جو تعارف ڪرايون... ڪيس پنهنجا ڪلها

ارپيون من درد جو ڪوئي پيرو ملي پئي من پنهنجي ڪنهن زخم مان ڪوئي وهائو تارو اپرندي ملي پئي. من محبوب جو اهو پاڪر ملي پئي جنهن ۾ هاڻ دفن ٿيڻ جو موقعو هرگز هٿان نہ ويڃائيندا سين. ڇريا تہ ناهيون جو هر بار بازي شوق سان اسان ئي ڄاڻي واڻي هارايون.. هن پيري جيت ڳوڙهن جي روشني جي ٿيڻي آهي. ڏکندڙ هٿن ۾ ويساهہ ويڃائي ويهندڙ لکيرن جي جيت ٿيڻي آهي. ڇپن جي چاندني ۾ مقدر ٿيڻي آهي پيارا مونکي روئڻ ڏي پوئين رات جي هنن اداس پلن ۾.. ڳوڙهن سان ڳوڙها ۾ تہ اگهٽا آهن اي ننڍ راڻي اڄ تون نہ اچجان.. پليز هن اڌ ڏنل مقدر سان اڄ رات نہ کيڏجان... ڏس منهنجي ڳوڙهن سان هو پيارو بانورو ۾ سانورو وفا صالح.. هو ڏس سندس نظر.. هو ڏس سندس پيشاني جي روشني.. هو ڏس سندس رتو رت آڳريون ۾ آڳرين ۾ ٻرندڙ ڪي تيليون هو ڏس صالح، هو ڏس مونکي صالح... هو ڏس مون ۾ صالح ... هو ڏس ڳوڙهن ۾ صالح... هو ڏس روشني جي پاڪر ۾ صالح هو ڏس سندس نظمن ۾ زخمي آهٽون ۾ هو ڏس سندس نظمن ۾ پاڻ وڃائي بينل ابابيلن جو ن اڏامون... هو ڏس الڪا ۾ هنڌان هنڌان ڏري ويل اوسيئڙا ٽڪرا ٽڪرا ٽيل ڪئين خط (ڪو هڪ خط هجي ها تہ سور ڪٽي پي وڃجي ها.. پر هتي تہ هر خط ٽڪرا ٽڪرا ۾ هر ٽڪري ۾ هڪ هڪ سڏڪو ڪائنات جيڏو پوئين پساهن ۾ پرڙا هٽندڙ پوپٽ جي آخري پڪار... اڳواڻ سپ ڪجهہ ڏسي ونندڙ اک جي ويراني ۾ ڳوٺ وارن کان وسري ويل اڪيلي کوهہ جي دانهن ڇا ڇا نہ وکريو پيو آهي منهنجي يار جي نظمن ۾! ڪٽي ٽيو بادهہ .ڪٽي ٽي ڪراچي ڪٽي ٽيو صالح يار جو ڳوٺ...! ڪٽي ٽيو پيارن پيارن ماڻهن جي وڇوڙي پڇاڻا هاڻ سدائين اداس رهندڙ منهنجو ڳوٺ جيڪو نظم پڙهہ جڙ منهنجو لکيل هجي.. جڙ منهنجي اندر اتاريل هجي ائين لڳي ٿو جڙ انهن ۾ پري اڏامي ويل پکي جي خالي آکيري جي ويران رات سڏڪي پئي... صبح ۾ شام سڏڪي پئي .. شام ۾ اداس سانجهي

سڏڪي پئي سانجهي ۾ ڪنهن جوان ٻيوه جي بدن جي سونهن سڏڪي پئي وفا يار درد جو هي جهان نظمن ۾ ڪيئن سهيڙيو اٽئي. محبتن جي موڪلاڻين کي ڪيئن ميڙيو اٽئي هڪ مٺ ۾... خالي ٿيل وسڪي جي هن گلاس ۾ هو جيڪو نظر جرڪي رهيو آهي اهو مان لکان يا دلبر وفا تون لکين. ڪهڙو ٿو فرق پئي بس نظم لکجي ويجي. سليٽ تي لکجي ويل ٻارڻن جي ڦڏن سڏين اکرن ۾ جيڪا مرڪ سمايل آهي اها محفوظ ٿي ويجي... ٻيو ڇا کپي هن ديواني ۽ ڪافر دل کي تن جي تانگهه سان هو تارا ٻه ڏس. واهه. تنهنجي ڪيترن ئي نظمن ۾ هو سرنهن جي گلن ۾ ڪنهنجي گهاون مٽان ماڪ ڦڙا مرهم جو ڪم ڪيئن نه ڏيئي رهيا آهن. ڏس ته سهي. مرڪ ٻه ڪٽي من کو سڏڪو پاڻ مرادو سبجي پئي. گئلريءَ ٻاهران هوائن جي پينگهي ۾ هو ڪير لڏي پيو ٿو. چنڊ ۽ پينگهي کي پنهنجي اندر جي آلاپن سان ڪير ڇا پيو چئي.. هر ٿهڪ قيد ۾ آهي ڇا سڏڪا سڏڪا هي سارو جيون ڪاڏي ويجي؟ ڇا ٻه ٽي پئي ساڳي تارازي ۾ گل ۽ گوليون نه رکبيون، پلي آگر ڪاراڻجي ويجي ڇلو ڪنهن جي سار جو ناهي لاهٽو.. اڄان ڪيترو روڪٽو آهي. يار توکي ۽ مونکي ڇو ٿو مسلسل ٿهڪ ڏئي روئارين مونکي ۽ رهڙون ڏئين ٿو پنهنجي روح کي ... ڇو ٿو ائين هي رات وڌائين ... وفا پيارا تنهنجي نظمن جون هي ڪائناتون مون ۾ ڇو سڏڪي رهيون آهن مون وٽ ته اڄ گل ٻه ناهن جيڪي تنهنجي نظمن کي پارايان ڪاش مان تنهنجي نظمن جي پيشاني چمي سگهان. هي تون مون ۾ يار ڪنهن جو اوسيڙو ٿو پوکين. واقعي ڪنهن جي هڪ لفظ 'هيلو' تي هر هار وساري ڇڏيندي؟ ڏس ڏس واعدو ڪري نه روئارڻ جو وري ٿو روئارين پيارا چاهتون اڻپٽ وارا البيلا هارائيندا ئي ناهن ڪيئن هارائڻ جي دعويٰ ڪرڻ وارا پاڻ ۾ ئي کوکلا ٿي ڪٽي جا ٻه نه رهندا اٽئي منا توکي هن ڳوڙهن سان ڪيئن سمجهايان ته اسين ڪٽي ٻه نه هوندي جتي ڪٽي هوندا آهيون هو

جيڪي ظاهر ۾ آباد آهن سي ويران ٿيا پيا اٽئي ۽ سندن اکڙ هينئر ب
اسان لاءِ ماندا هوندا... پاڻ ئي سوچن جا اکڙ تن جي من جون موسمون
ڪيتريون نہ ويران ۽ مئل مئل هوندیون سندن ٿهڪن ۾ ڪا سرهاڻ نہ
هوندي هاڻ تہ مان ب هن منافق شهر ۾ منافق ٿيندو پيو وڃان! رڳو آخري
قسط ئي رهيل آهي. سچ تہ ٿڪجي ب پيو آهيان تنهنجي نظمن ۾
منهنجون اکيون آسمان کي ٽڪرا ٽڪرا ڪري رهيون آهن. منهنجي
آڳر جهلي يار پنهنجي نظمن جي ٻئي پار هي ڪاڏي ٿو وٺي وڃين!؟
مان توکي سجاڻان تون مونکي سجاڻين. تنهنجي هر دڳ مان ب گذريو
آهيان تنهنجي پيرن ۾ منهنجا پير ب سجاڻان ڪيڏي رات ڪاري
هجي ڳاڙهن ٻيرن جي ڳاڙهاڻ مور نہ متبي بند ڪلين ۾ گلن جو ساهہ
ناهي منجهندو سپ چپ کي پاڻ ۾ پناهہ ڏيئي سگهي ٿي اڄ تہ بي
مقصد ڳولائن جا ڪورا ڪاڳر آخري پيرو پڙهي ڦاڙي ڇڏيون. اڄ تہ
گڏجي پيئون يار دل کولي پيئون يار.. بار بار پيئون يار توکي سچ
ٻڌايان تہ مان ڪنهن سان ب ناهيان پيئندو پر اڄ توسان ڪمپني
ڪرڻ لاءِ ڪيڏو دل پئي چئي. اڄ تہ منا وري اڌوريون مرڪون
جيئون ... اڄ تہ تنهنجي نظمن جي نگاهن ۾ پاڻ کي ڳوليون سندن
جهوليءَ ۾ جهاتي پايون. منا! هيءَ ڪنهن کي معصوميت ۾ چئي رهيو
آهين

مونکي
گوليون نہ پر
گل گهرجن
پنهنجي پرين کي ڏيڻ لاءِ

جاڻان ٿو دلبر! تڏهن تہ حسين نظم لکندو آهين تنهنجا هي
حسين معصوم نظم. هڪ ڏينهن تنهنجي دلربا کي تنهنجي دڳن تي
رلائيندا پوءِ هو تو لاءِ بارش جهڙا نظم لکندي رهندي!

پيارا هيترو ته سنو لکين ٿو پوءِ به هي دعائون ڇو تنهنجون خوشيون دکن ۾ ميسارجي وڃن ته جيئن تنهنجي لکٽين ۾ ايجان به گهرائي پيدا ٿئي اهو ته انياءَ آهي اسان جي دلين سان جيڪي توکي پيار ڪن ٿيون تنهنجي خوشين لاءَ ڏٽي در هر پل دعاگو هوندیون آهن ائين نه ڪندو ڪر منا هاڻ بس به ڪر ڪٽي. تنهنجا ته ڪئين نظم، نظمن جي آڪاش ۾ هميشه چمڪندا رهن ٿا تنهنجو ته هي هڪ نظم ئي توکي نظمن جي حسين شاعرن جي صف ۾ بيهارڻ لاءِ ڪافي آهي.

ڪالهه رات

پنهنجي پيڙ کي

ڪاري ڪري ماري ڇڏيائين

ڇاڄ رات

رات جي ڪاري چادر ۾

پنهنجي محبوبه جي

ڳلن ۽ چپن ۽ چمندي چوي ٿو

تون ڪير جهڙي اجري اڇي

۽ قرآن جيان پوتر آهين.

ڇا ته ڇرڪائيندڙ نظم لکيو اٿئي (اڇڪلهه فيس بوڪ تي به ان جي ڏوم متل آهي) نياڻي کي ست قرآن سمجهڻ جي دعويٰ ڪندڙ اسان جي هن ڪوکلي بي حس سماج کي ڇا ته نفاست سان سيني تي چهڪ ڏنو اٿئي تو جهڙي حساس ۽ حسين جوان جو هي اظهار بي انتها سگهارو ۽ روح روليندڙ آهي سياڻي جو ڪو وڏو نقاد تنهنجي صرف هن نظم جي ڪري ئي توکي جيڪا مڃتا ڏيندو ان جو جشن هينئر ئي ملهائي ٿو ڇڏيان. هنن ڪجهه ڳوڙهن سان منهنجا پيارا متان ائين چيئن ته دوست الائي ڪٿي گم آهي. الائي ڪهڙي قافلي جو وڇي مسافر ٿيو آهي هيڏانهن هي تنهنجو نظم عبادت به واقعي عبادت ڪرڻ جهڙو آهي. پڇي رهيو آهين نه ته، سچ لکڻ ڪنهن عبادتن کان

گهٽ آهي ڇا؟ نہ پيارا... بلڪل بہ نہ... اهو عبادت جو اعليٰ روپ آهي. هي ڇا نظر ڦورو ۾ ڏک جو اظهار پيو ڪرين تہ تون ڪنهن جي دل ڦري نہ سگهيو آهين پر دل ڪيئن ڦربي آهي اهو فن تو کان وڌيڪ ڪير ڇاڻندو هوندو هو جنهن جي مسڪراهٽ هاڻ تنهنجي وجود جو حصو بنجي وئي آهي. تنهن کي گهورن سان تہ اصل تو گهايو هو. مونکي سڀ خبر آهي منهنجا منا...! تنهنجون 'هڏڪيون' نظر ان جي گواهي ڏئي رهيو آهي. سو راڻا تنهنجون هڏڪيون هاڻ ڪڏهن بہ بند نہ ٿيندیون. سو انهن جي بند ٿيڻ جو اوسيئڙو اجايو اٿئي... پيارا سچ تہ تنهنجو هي نظر بہ معصوم ۽ دل ۾ گهر ڪندڙ آهي ڪنهن آٿت جهڙو. ڪيئن ٿو منهنجا سهڻا هي سهڻا سهڻا ۽سادڙ انظر لکين؟ تنهنجو نظر، تون ۽ مان.... بہ ڪيترو نہ دل ۾ لهي ويندڙ آهي.

هن پڇيو تہ

محبت ڇا آهي؟

محبت ڪيئن هوندي آهي؟

اکيون اکين سان ملائيندي ڪيس ڇيم

تون ۽ مان!

پيارا پڪ اٿم تنهنجي نظمن جو هي پورهيو دردن ڦولاريا ڦول سنڌي ادب ۾محبتن جي هڪ معصوم مجموعي طور سڃاتو ويندو جيئن تو پاڻ آهين جيئن تنهنجي دوستي آهي جيئن تنهنجي محبت آهي سهڻا شال جڳ جڳ جيئن.

انور ڪاڪا

وفائن جا پنڇي

منهنجي دوستي جي حلقي ۾ "وفائن" جو ڪافي تعداد آهي وفا ناٿن شاهي، وفا منظور پنهور، وفا حضور بخش فضلاڻي، وفا صالح راڄپر.

انهن سيني پنهنجي پنهنجي پريمڪائن ڏانهن وفائن جا ڪبوتر اڏاريا آهن جي يا تہ ماريا ويا آهن يا وري انهن جا پر .ڪوهيا ويا آهن تنهن ڪري اهي سيئي ملول آهن.

هاڻ ڏسون تہ وفا ناڻن شاهي ڇا ٿو چئي ؟

نظم آهي "اشرف المخلوقات" ۾ وفا اشرف المخلوقات ڪان ڪيترو ڏنل آهي ان جو اندازو اوهان کي هن نظم مان ملي ويندو.

نانگ
ڪهڙو بہ
ڪو برائي صحيح
پرسندس
ڏنگ جي تشدد جو،
طب وٺ،
ڪو نہ ڪو علاج آهي
ڏنگ انسان جو
مگر اي دوست
لادوا آهي
لاعلاج آهي.

هن نظم ڪان پوءِ اسان وفا کي، نہ رڳي پابند شاعري پر آزاد نظم جو بہ سنو شاعر ڪوئي سگهون ٿا. هن اهو هڪڙو آزاد نظم ڪونهي لکيو پر هن اهڙا ڪيئي خوبصورت آزاد نظم اسان جي ادب جي جهوليءَ ۾ وڌا آهن. هي نظم آهي "عشق" _ اهو پڙهون پلا.

عشق جنهن جو ڪو بہ ڇيهہ ناهي. اهو پنهنجي محبوبہ کي ڪيئن ٿو يقين ڏياري ؟ _ قسم سان! _ پر ان قسم جو انداز نرالو آهي.

چئي ٿو:

تنهنجي مڙس جو قسم
تنهنجي پيار جو قسم

تنهنجي سين جي غبار جو قسم
تنهنجي جرئتن جي هار جو قسم
مونکي اڄ بہ توسان پيار آ
مونکي اڄ بہ تنهنجو انتظار آ
ڪالھ جيترو هيو.

ٻئي نمبر تي جو شاعر آهي، اهو آهي وفا منظور پنهور_ اهو بنيادي طرح شاعر ڪونهي پر هن تڏهن بہ آڏا ڦڏا ليکا ضرور پاتا آهن.

آرزوئن جي جوانيءَ
شدت جي نگاهن ۾
ڏسبي رهي ٿي
تڪبي رهي ٿي
حساس آزمانو
ويچارو تہ چئي ٿو!
ڇڏ وڏو پاپ آ
زندگي جون رقاصائون
چيرن جي چمڪار ۾
پنهنجو تہ ڪن ٿيون
پر دلفريب نڱيون
مرادي ڳٽن ٿيون.

هي اهي نظم "دلفريب نڱيون" ها هن وٽ شاعراڻہ احساس تہ آهن پر انهن کي پوئڙ جو طريقو ڪونهي هونئن بہ شاعري ايڏي سولي بہ ناهي جنهن کي بنا مطالعيءَ مشاهدي جي لکيو وڃي اهو ضرور آهي تہ منظور سنو نثر لکي ڇاڏي. هن جا نثري ٽڪرا:

"نجهري ويو نينهن"، "غلامي جو دهشت ديوَ" "ماڻهن وڏا وڙ"، "جعفر ڏنار"، "گرد و پيش" "حقارت جي سلاخن ۾"، "اوهان ڇا ڏٺو"

پڙهڻ جهڙا آهن.

ٽئين نمبر تي جو نانءُ اچي ٿو سو آهي وفا حضور بخش فضلاڻيءَ جو_ اهو ٿوري پڙهيل هئڻ ڪري هن جي ذهني بلوغت کانه ٿي سگهي آهي. پل اهو عشق جي چوٽ کائي شاعري ڏانهن ڇونہ راغب ٿيو هجي پر هي ان پٽريلي پنڌ ۾ اڇتي وڏي نٿو سگهي. شاعري وڏو دماغ ۾ گهڻ مطالعاتي سبجيڪٽ آهي. اها ڪا ايڏي سولي بہ ناهي جو هر ڪو ان ۾ مهارت حاصل ڪري وڃي.

لفظن کي پنهنجي جائز جاءِ تي رکڻ بہ هڪ فن آهي اهو فن هر ڪو ڄاڻي نہ ٿو سگهي.

چوٽين نمبر تي جو شاعر آهي، اهو آهي وفا صالح راڄپر ۾ اڄ وفا صالح راڄپر جي شاعري اسان جي اڀياس هيٺ ايندي.

وفا صالح راڄپر سنڌو ڪهاڙيڪار تہ آهي ئي پر هي نثري نظمن جو بہ سنڌو شاعر آهي. هن ڪنهن بہ طرح آدرش، رمضان نول، نعيم دريشاڻي ۾ ٻين کان گهٽ درجي جا نظم ناهن لکيا. اها ٻي ڳالهہ آهي تہ هن کي ايجا اها پزيرائي ناهي ملي.

هن جا ڪجهہ نظم آهن بلڪل ننڍڙا پر ڏاڍا وٽندڙ ۾ پر اثر آهن، هونئن بہ هي ڏگهيون سٽون ۾ ڏگها نظم اهو تاثر ناهن ڇڏي سگهندا. جيڪي عام طور تي ننڍڙا نظم ڇڏي ويندا آهن ۾ اها ئي هڪ سٽي شاعري جي نشاني آهي تہ هو ننڍڙن ۾ ٿورن لفظن ۾ هڪ سٽي ۾ وڏي ڳالهہ ڇئي وڃي. اها خوبي اسان جي وفا ۾ آهي

زندگي ۾،
ايترا تہ ڏک،
مليا آهن
جو هاڻ
خوشيءَ جو
احساس نٿو ٿئي

مسڪراهٽ جي پسمنظر ۾ هڪ نظم آهي اهو به نظرن مان ڪيون.

سال ۾ صديون
گذري وڃڻ کان پوءِ به،
مان تنهنجي چپن جي مسڪراهٽ
وساري ناهيان سگهيو،
چاکاڻ ته
تنهنجي اها مسڪراهٽ
منهنجي وجود جو
حصو بڻجي وئي آهي.

موت جي پسمنظر ۾ لکيل هي نظم، جنهن ۾ وفا هڪ مرندڙ جيو (ڪينسر جو مريض آهي) جن جي من جي هورا کورا کي ڪيئن نہ پلٽيو آهي_ اهو ته پڙهڻ جهڙو آهي:

ڪينسر جهڙي
خطرناڪ بيماري
هاڻ ته
ڏينهون ڏينهن
وجي پئي وڌندي
شايد!
ڪن پلڪن ۾
مان وجان نہ مري
پر پوءِ به
(منهنجي موت کان پوءِ)
مونکي اها خبر ڪيئن پوندي
ته تون
مون لاءِ

رني ٻہ هئينءَ
يا نہ!

اهي سڀ احساس جيڪي من جي هورا کورا ڏک، خوشي ۽ انتظار جو دامن پکڙيون بينا آهن. اهي خالي وفا جا احساس ناهن. اهي هر ماڻهوءَ جا احساس آهن_ اهو ماڻهو جنهن جي اک جمالياتي آهي_اهو حسن جي هر ادا تي فدا ٿي ويندو آهي. جڏهن اهو حسن کنهن من چلي جي اک ۾ جادو ٻڌجي لهندو آهي تڏهن اهو پنهنجي گرد خوابن کي اڻيندو آهي. اهي خواب جيڪي هر وقت خوشين جون پنيوريون پکڙيندا رهندا آهن ۽ خوشيون وري پاڻ سان گڏ غمن جا پوپٽ رلايون وتنديون آهن ۽ خوشيون گهٽو وقت کنهن کي راس آيون آهن

اها ساڳي ڪيفيت متين نظمن ۾ ڏيکاري وئي آهي ۽ خاص ڪري اهو احساس تہ موت کان پوءِ مونکي ڪهڙي خبر تہ تون مون لاءِ رني ٻہ هئينءَ يا نہ ؟ اندر ۾ چاقوءَ جيان لهندو محسوس ٿئي ٿو.

هونئن ٻہ نثري نظمن ۾ خيال جي اهميت کي اوليت ڏني وئي آهي خيال پختو آهي ؟ شاعر ان سان انصاف ڪري سگهيو آهي؟ ڪٿي خيال کي مروڙي سروڙي تہ ڪونہ رکيو ويو آهي ؟ اهي شيون خيال ۾ رکيون ويندیون آهن جو ٻہ شاعر خيال جي وسعت کي نٿو ڇهي سگهي. اهو ان کي سڀي نموني سان پوئي ٻہ نٿو سگهي.

هي ونجوڳ جي پسمنظر ۾ لکيل نظم آهي

تنهنجي وڃڻ کان پوءِ
مون پيار ڪيو آ
تنهنجي يادن سان
۽ مان پوڄيندو آهيان
تنهنجي انهن يادن کي
دل جي مندر ۾ ويهاري

ديوتا سمجهي

ھاڻ سنجوڳ جي پسمنظر ۾ لکيل هي نظم ٻه پڙهجي.

تنهنجي ملڻ سان
منهنجي ويران دل جا
سيئي ڪوماڻيل گل
ڏڙي پيا آهن
ها بلڪل ايئن
جيئن
بهار جي آمد ۾
سڪل پوڻا
ساوا ٿي پوندا آهن.

هاڻ اچو تہ هڪ ٻئي احساس جو ٻہ اپياس ڪيون عنوان آهي مطالعو

تنهنجي
حسن جي
هڪڙي جهلڪ
منهنجي لاءِ
ڏهن ڪتابن جي
"مطالعي" مثل آهي.

اهي سيئي ڪيفيتون آهن، هڪڙيون جيئريون جاڳنديون ڪيفيتون ۽ اهي سموريون ڪيفيتون وري جماليات جو جز آهن ۽ شاعري جو ڀهريون جز جماليات ئي آهي حسن /عشق/پيار /محبت سڀ جماليات جا عنصر آهن. شاعري انهن سيني جو مرڪب آهي.

چون ٿا تہ "محبت انسان ۾ هڪ شريف جذبي جو نالو آهي جنهنکي ڪيڏي ڇڏڻ سان انسان ۽ حيوان ۾ فرق نٿو رهي."

صحيح آهي جي ائين هجي ها تہ وتي ها هرڪو جھنگ چرندو. ۽ جڏهن ڪوئي جھنگ چرندو وتي ها تہ اهو زندگي جي رنگينين کي ڇا ڇاڻي ها ؟

اهڙا احساس هڪ ماڻهو جي من ۾ تڏهن ڦٽندا آهن جڏهن اهو محبت ڪري ٿو.

هاڻ هي زندگي
پل پل
خوبصورت
۽ وڻندڙ
پئي لڳي
ان ڪري
جو تون
منهنجي
جيون ۾
آئي آهين

ها، جيڪڏهن ڪوئي ڪنهنجي جيون ۾ ايندو آهي تڏهن واقعي ئي جيون سهڻو لڳندو آهي جڏهن سڄو جهان ئي سهڻو لڳڻ لڳي. تڏهن ماڻهو جو من بہ سهڻو لڳڻ لڳندو آهي. ۽ سهڻي من ۾ سهڻا خيال ئي جنم وٺندا آهن.

ڪنهن ڇا خوب چيو آهي تہ "من هڪ اهرو اڇو ڪپڙو آهي ان کي جنهن بہ رنگ ۾ رنگبو تہ رنگجي ويندو."

اسان (شاعر) پنهنجي من کي محبت جي رنگ ۾ رنگي ڇڏيو آهي. محبت جنهن کي صرف محسوس ڪري سگهبو آهي اهي جيڪي محبت ڪندا آهن ڏاڍا نرم مزاج، ڏاڍا ڏڏا، ڏاڍا مڻا ۽ ڪومل احساس رکندڙ هوندا آهن.

تون،

مونکي
پنهنجو قسم
نہ ڏجانءِ
ڇو تہ
مان
خدا جو قسم کٹي
مکري تہ سگھان ٿو
پر
تنهنجو نہ!

هنن لفظن ۾ شاعر کيڏي نہ سادگي ۽ صاف گوئي کان ڪم ورتو آهي اها من جي سچائي ناهي تہ ٻيو ڇاهي.؟

شاعر بہ فطرتن ماڻهو آهي ان ۾ بہ هر ماڻهو جيان خوبيون ۽ خاميون ٿين ٿيون پر هو جنهن کي چاهي ٿو ان سان سچو آهي._ اها آهي محبت ۽ اها محبت جڏهن ڪنهن جي من ۾ انگورجي ٿي تہ اها پاڻ سان گڏ وڃوڙي جو خوف بہ کنيون ٿي اچي. ۽ جڏهن اها ان پيرڊ مان گذري ٿي ۽ اها چاهتن جي گاڏي اتان لنگهي بہ ويندي آهي تڏهن بہ اهو چاهيندڙ پنهنجي چاهي ويندڙ سان آس نٿو لاهي.

وفا صالح ان احساس کي ڪيئن قلم بند ڪيو آهي.

اهو احساس پڙهجي:

ماڻهو چون ٿا
تہ تو مونکي
وساري ڇڏيو آهي
پر مان اهو ڪيئن مڃان
ها جڏهن هڏ ڪيون اچڻ
بند ٿي ويندیون
تڏهن

مان سمجهندس
تہ تو مونکي
وساري ڇڏيو آهي.

جڏهن رنج رساما ٿيندا اهن تڏهن الزام تراشيون بہ ٿيندیون آهن هڪ ٻئي کي ڏوهي ٺهرايو ويندو آهي ۽ پوءِ ڏريون پنهنجون صفايون پيش ڪندیون آهن.

هڪ شاعر پنهنجي صفائي ڪيئن ٿو پيش ڪري_

اچو تہ ڏسون:

تون تہ
مونکي چوندي آهين
مان سنگدل آهيان
تو شاعر جي دل ڏٺي آهي؟

شاعر (جيڪي واقعي شاعر آهن) سچ لکندا آهن ڇو تہ هو ڄاڻندا آهن تہ ائين نہ ڪرڻ اسان اها شئي ڳچيءَ ۾ پئجي ويندي ۽ اهي ملامت جو بار ڳچي ۾ لٽڪائي هلڻ جا عادي ناهن هوندا. ڇو تہ اهي سچ کي عبادت جو درجو ڏيندا آهن. ۽ عبادت ۾ ننگي ناهي هلندي

مون
ڪڏهن بہ
ڪنهن
مسجد
مندر
يا ڪليسا ۾ وڃي
عبادت ڪانهي ڪئي
منهنجو
سچ لکڻ/چوڻ
ڪنهن عبادت کان

گهٽ آهي ڇا.؟

اصل ۾ هي لکڻ ڇا آهي.؟

پنهنجي محسوسات کي ٻئي تائين پهچائڻ جي هڪڙي ڪوشش

اسان جو هي يار به پنهنجي فيلنگس ٻئي سان شيئر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي اهو ٻيو هڪ فرد به ٿي سگهي ٿو ۽ اهو فردن جو مجموعو به انهي مجموعي ۾ هڪڙي قوم به اچي وڃي ٿي ته هن پوري بين الاقوامي برادري کي به اسان ان دائري ۾ آڻي سگهون ٿا.

هاڻ ڏسڻو اهو آهي ته اسان جو هي دوست، پنهنجي محسوسات کي ٻين تائين پهچائڻ ۾ ڪيتري قدر ڪامياب ويو آهي. ان جو فيصلو اسان پنهنجي پڙهندڙن تي ڇڏيون ٿا.

رهي ڳالهه اهي دوست جيڪي نثري نظمن کي شاعري جي زمري ۾ نٿا آڻين، اهي اهو ته مڃيندا ته هي شاعراڻه احساس ته آهن ۽ بس! اهو احساس به هڪڙي شاعر لاءِ ڪافي آهي.

ذوالفقار گاڏهي

03063250132

سرجيس تان سور سامائي تان سک ويا

ڪهاڻي، شاعري، ڪالم ، ناول ۽ ٻين صنفن جي ٻيٽ ۾ پاڻ بابت ٻه اکر لکڻ مون لاءِ ڏاڍو ڏکيو آهي. ٻيلا پاڻ بابت ڇا لکجي؟ ۽ ڪهڙي راءِ ڏجي. مون تہ اهو سوچي ڇڏيو هو تہ پاڻ بابت ٻه اکر ناهن لکڻا پاڻ بابت ٻه اکر هي منهنجا نظم آهن. جيڪي منهنجي دل جي پڪار ٻه آهن. تہ منهنجي اندر جو آواز ٻه آهن، منهنجا جذبا ۽ احساس ٻه آهن تہ منهنجي روح جي ڏٻايل رڙ ٻه آهن. تہ منهنجا سڏڪا ۽ دانهون ۽ درد ٻه آهن. پر سيني دوستن جو اهو اسرار هو تہ هي منهنجو پهريون ڪتاب آهي ان ڪري مونکي ڪجهہ نہ ڪجهہ لکڻ گهرجي. لکان تہ ڇا لکان؟ ۽ ڇا تي لکان؟ زندگيءَ ۾ مليل ڪربلا جهڙي دردن تي لکان؟ يا پنهنجي مفلسي تي لکان؟ يا وري پنهنجي ٻيٽ گذر ڪندڙ پورهيت هٿن تي لکان، يا ان مٽي تي لکان جنهن ڇهين درجي کان وٺي اڄ ڏينهن تائين تغاري جو وزن پئي کنيو آهي! يا ان تغاري تي لکان؟ جيڪا منهنجي مٽي تي سدائين مون لاءِ سوني تاج جيان رهي آهي. يا پنهنجي ان پيار تي لکان جيڪو گهڙي پل جون خوشيون ڏئي پوءِ دردن جا سيلاب ڏيئي ويو! ان جي باوجود مونکي پنهنجي پيار سان پيار آهي. مونکي پنهنجي پيار جي پهرين چمي سان ايترو ئي پيار آهي، جيترو پيار مونکي پنهنجي پيار

سان آهي. دردن جي سيرابن ۾ زندگي گذرندي به پيار جي پهرين چمي مونکان ڪڏهن به ڪونه وسري سگهي آهي. پيار جي پهرين چمي منهنجي جيون ۾ جيڪو پنهنجو عڪس ڇڏيو آهي، ان ئي عڪس کي وقت ۽ حالات جي دز ڪڏهن به لٽي نه سگهي آهي. پيار جي پهرين چمي جي تاثير مونکان منهنجو پيار وسرڻ ناهي ڏنو. ۽ هوءَ جيڪا منهنجو پيار هئي، منهنجي زندگي هئي، منهنجي بندگي هئي، ان کان به پنهنجي پيار جي پهرين چمي وسري ناهي سگهي. ۽ نشاني ڪڏهن به وسري نه سگهندي آهي جسم ۾ لڳل زخم به جڏهن ڇڻي ويندا آهن تہ اهي پنهنجا نشان ڇڏي ويندا آهن. انهن نشانن کي ڏسي زخم به ياد رهندا آهن.

هُن جي شادي ٿيڻ کان پوءِ ڏهن سالن جي عرصي گذري وڃڻ بعد فون ڪري پڇيو هئائين تہ "وفا ڪيئن آهين؟" جواب ۾ چيو هيم تہ تون اهو خوب ڄاڻين ٿي تہ مان تو بن ڪيئن هوندس. ۽ ڪيئن آهيان. چيائين "پيار جي پهرين چمي ياد اٿئي يا وسري وئي اٿئي؟" چيو هيومانس. "تون ئي وسري ناهين سگهي تہ پوءِ پيار جي پهرين چُمي ڪيئن ٿي وسري سگهي؟" بس مٿي، جي جيئڻ نٿو ڏي تہ تنهنجي الڳ ٿيڻ جو درد جيئڻ نٿو ڏي. تنهنجي الڳ ٿيڻ واري درد هاڻ تہ ڪيترائي ڦول ڦولاريا آهن.

منهنجي ڪتاب جو نالو دردن ڦولاريا ڦول منهنجي زندگي سان ايئن تاڪيل آهي جيئن ڪنهن سهاڳڻ جي رئي تي ستارا تاڪيل هوندا آهن. مون کي جيترو پيار پنهنجي پيار سان آهي، ايترو پيار مون کي پنهنجي مفلسي، پنهنجي پورهئي ۽ پنهنجي دردن سان آهي. درد جيڪي رت پيئندا آهن. ۽ جسم جو ماس کائيندا آهن.

جيئن ئي هوش سنياليو اٿم تہ مفلسي ۽ دردن جي سرڪڻ ڪاهيءَ تي چڙهيو ۽ لٽڪيو آهيان مفلسي ۽ درد پاڇي جيان سدائين مون سان گڏ رهيا آهن.

سرجيس تان سور سامائس تہ سڪ ويا
اهي ٻئي پور مون نماڻيءَ نصيب ٿيا.

مفلسي ۾ دردن ڏوپي جي ڪپڙن جيان مونکي پئي ستيو ۽ نپوڙيو آهي پر مات ڏئي نہ سگهيا آهن. مفلسي ۾ زندگي گذاريندي بہ مون کي پنهنجي دوستن ڇاتي لائي محبتون ئي محبتون ڏنيون آهن. ۽ انهن جي محبت جيئڻ جو روز نئون اتساهہ پئي ڏنو آهي.

محمد صديق مگسي، يوسف سنڌي، انور ڪاڪا، تاج بلوچ، ڊاڪٽر مشتاق قل، ڊاڪٽر غلام عباس مهيسر، اسحاق سميجو، اخلاق انصاري، مختيار سمون، راجن مگسي، ڪاشف منڌار سولنگي، ذوالفقار گاڏهي، پيچو فقير، معشوق ڏاريجو، مجيد زهراڻي، پروفيسر ستار سومرو، اسد گوپانگ، گلزار ، طارق چانڊيو ۽ ٻين دوستن جون محبتون مون سان گڏ نہ هجن ها تہ اڄ مان بہ نہ هجان ها. دوستن جي اٿاهہ محبت جي ڪري مون کان منهنجي مفلسي وسري ويندي آهي. مدر ٽريسيا چواڻي "اسان کي ان جي اڻاڻ نہ پر محبت جو ڏڪر ماري ٿو" پر مون وٽ محبت جو ڪوبہ ڏڪر ڪونهي.

مون کي لکڻو ڇا آهي؟ ۽ مان ڇا لکڻ ويٺو آهيان!!!

مون کي ادبي ماحول پنهنجي گهر مان ئي مليو. جنهن دؤر ۾ ريڊيو آيو، ان دؤر ۾ منهنجو وڏو ڀاءُ محمد طاهر ريڊيو تي فرمائشون ۽ ڪجهارتون لکي موڪليندو هو. ان وقت اسان جي ڳوٺ ۾ ريڊيو رکو منهنجي ڀاءُ وٽ ئي هوندو هو. ريڊيو تي هن جون فرمائشون ۽ ڪجهارتون پئي ايندیون هون. ريڊيو هن جي ايتري سڃاڻپ بنجي ويو. جو ڳوٺ جا ماڻهو هن کي طاهر دڪاندار بجاءِ طاهر ريڊائي ۽ طاهر ريڊئي وارو سڏيندا هئا. منهنجو ٻيو وڏو ڀاءُ رجب علي پٺائي جو عاشق ۽ پارکو آهي. هو اڄ بہ جڏهن ڪچهري ۾ پٺائي پڙهي ۽ ان جي معنيٰ ڪندو آهي تہ ٻڌندڙن تي سڪتو طاري ٿي ويندو آهي. منهنجو سئوٽ سائين نذير حسين 1985ع کان وٺي اڄ ڏينهن تائين ادب سان سلهاڙيل آهي. هن ڪنهن دؤر ۾ ڏاڍيون سٽيون ڪهاڻيون بہ لکيون. ان جي گهڻي صحبت ۾ رهڻ جي ڪري مون ۾ ڪتابن پڙهڻ جي هير پئجي وئي هئي. سائين نذير سنڌي ادبي سنگت بادهہ ۾ پنهنجون ڪهاڻيون ۽ ٻيون لکڻيون

تنقيد لاءِ پيش ڪندو هو. مون کي چڱي طرح ياد آهي تہ 1995 سال جا پچاڙڪا ڏينهن هيا. انهن ڏينهن ۾ مان سائين نذير سان گڏجي ادبي سنگت جا ڪلاس اٽينڊ ڪرڻ لڳس. ادبي سنگت جي ڪلاسن منهنجي ادبي ۽ ذهني اوسر کي اڃان بہ وڌيڪ پکو پختو ۽ سگهارو بنايو. 1996ع ۾ سائين نذير جي لائبريري ۾ مون کي لبنان جي مشهور ليکڪ خليل جبران جو ڪتاب ”پگل ڪنيڙاٽيون“ هٿ لڳي ويو. ان ڪتاب مون تي ايترو تہ اثر ڇڏيو. جو مون ۾ پڙهڻ سان گڏوگڏ لکڻ واري حس برسات جي اٿي کان پوءِ ڪنيي جيان ڦٽي نڪري پئي. ۽ مون لکڻ شروع ڪيو. شروع شروع ۾ مون ڊائري جا ورق لکيا. ادبي سنگت جي ڪلاسن ۾ منهنجي انهن ڊائري جي ورقن کي تمام گهٽو ساراهيو ويو. اهي ڊائري جا ورق انهي سال هلال پاڪستان اخبار جي ادبي صفحي ۾ جڏهن ڇپيا تہ ويتر لکڻ سان منهنجو جنون جي حد تائين شوق ۽ عشق جاڳي اٿيو. پنهنجي لکڻي اخبار ۾ ڇپيل ڏسي منهنجي چهري تي خوشي جا پوپٽ اڏڻ لڳا. ڊائري جي ورقن کان پوءِ مون شاعري ڪرڻ شروع ڪئي. چار پنج غزل مس لکيا تہ ڳوٺ ۾ مائٽ جي شادي هئي ۽ شادي ۾ ڳائڻ لاءِ عاشق نظاماڻي آيل هو. مون هڪ غزل عاشق نظاماڻي کي ڳائڻ لاءِ ڏنو. هن ڳايو مون کي ڏاڍي خوشي ٿي هئي. خوشي وچان منهنجي جسم جو انگ انگ ڪنول جي گلن جيان ٽڙي پيو. غزل جا بول هيا تہ...

وار ڪلهن تي ڪيرين ڇو ٿي!
منهنجي من کي چيرين ڇو ٿي!

شاعري کان پوءِ مون ڪهاڻيون لکڻ شروع ڪيون. منهنجي پهرين ڪهاڻي ڪراچي مان نڪندڙ رسالي ماهوار پيپلز ٽائمز ۾ ڇپي هئي. ڪهاڻي سان گڏ مون شاعري بہ ڪئي ۽ اخبارن ۾ ڪالم بہ لکندو رهيس. رابندر ناٿ ٽئگور جو ڪتاب گيتا نجلي رمضان نول جو ڪتاب روح جا سجدا ۽ شيخ ايياز جو ڪتاب ٽڪرا ٽتل صليب جا پڙهڻ کان پوءِ مون نثري نظم لکڻ شروع ڪيا. ڪهاڻين جيان منهنجي نظمن کي رسالن توڙي پڙهندڙن وٽان پرپور موٽ ملڻ جي ڪري مون هڪ مجموعي


جيترا نظم لکي ورتا. نثري نظمن کي ڪتابي شڪل ڏيڻ لاءِ مون پنهنجي پياري دوست مرحوم مشتاق پرهڙڙي، منڌار سولنگي ۽ وفا ناٿن شاهي سان هڪ ڪچهري ۾ ذڪر ڪيو ته انهن ٻنهي دوستن ٻه اهائي صلاح ڏني ته تنهنجو ڪتاب اڇڻ گهرجي. وفا کي عرض ڪيم ته ڪتاب جو مهاڳ توهان کي لکڻو پوندو. وفا بلڪل مهاڳ لکڻ لاءِ ڏهني طور تيار ٿي ويو ۽ چيائين ته ڳوٺ پهچڻ شرط پهرين فرصت ۾ پنهنجا نظم پوسٽ ڪري موڪل. نظم موڪلڻ کان پوءِ ڏهن ڏينهن اندر وفا مهاڳ لکي پوسٽ ڪري موڪلي ڇڏيو. ڪتاب جي ڇپائڻ لاءِ پياري مشتاق کان خرچ جو اندازو پڇا ڪيم ته منهنجا ٻپ ئي ٿري ويا. مون جهڙو غريب پورهيت ڏهاڙي اجرت تي پگهر جي پورهئي سان تغاري مٿي تي کڻندڙ ڪتاب ڪٿي ٿو ڇپرائي سگهي. بس پوءِ ڪتاب ڇپائن واري شوق ۽ جنون کي دل جي قبرستان ۾ دفن ڪري ڇڏيو. اڄ جڏهن منهنجو ڪتاب ڇپجي رهيو آهي ته ڪتاب جي خوشي سان گڏوگڏ اهو ڏک ڪنڌي جيان بار بار چيي رهيو آهي ڪتاب جي ڪاپي وفا ناٿن شاهي، منڌار سولنگي ۽ مشتاق پرهڙڙي کي ڏيئي نه سگهندس. منهنجي هر خوشي جي ٻڌيان کو نه ڪو ڏک ۽ درد ضرور هوندو آهي تڏهن ته مان اهو چئي چڪو آهيان ته جڏهن کان هوش سنياليو اٿم، تڏهن کان ڏک ۽ درد پاڇي جيان سدائين مون سان گڏ رهيا آهن.

نثري نظم ڇا آهي؟ نثري نظم ڪيئن ۽ ڪٿان آيو؟ نثري نظم جو باني شاعر ڪير آهي؟ نثري نظم ڪيئن هجن!؟ انهن جي باري ۾ وفا ناٿن شاهي مهاڳ ۾ پرپور نموني سان لکيو آهي هونئن ٻه نثري نظم اڄ ڪلهه اسان جي سنڌي شاعري ۾ ڪافي اهميت ۽ حيثيت ماڻي آهي. جن ليڪڪن شاعرن نثري نظم کي صنف ۽ شاعري نه پئي مڃيو وقت ثابت ڪري ڏيکاريو ته انهن شاعرن اڳتي هلي ڪوڙ سارا نثري نظمن جا ڪتاب ڏنا. وڏي ڳالهه ته شيخ ايار ٻه نثري نظم کي صنف ۽ شاعري مڃڻ لاءِ ٻه تيار نه هيو پر پوءِ شيخ ايار پاڻ نثري نظمن جا ڪتاب لکي نثري نظم کي امرتا ۽ مڃتا ڏني. جيڪي دوست هاڻي ٻه اهو چون ٿا ته نثري

نظم لکڻ تمام سولو آهي پر ائين ٻہ ڪونهي نثري نظم ايترو ٻہ سولو ڪونهي جيترو هو سمجهن ٿا. نثري نظم پنهنجي جوهر ۾ هڪ تمام ڏکي ۽ محنت طلب صنف آهي، جيڪا رت ولوڙڻ کان سواءِ لکي نٿي سگهجي.

مان پنهنجي نظمن بابت ڪا ٻہ هام نٿو هڻان پر ايترو ضرور چوندس تہ جيڪو خيال مون کان پابند شاعري، ڪهاڻي ۽ ٻين صنفن ۾ نہ پئي اچي سگهيو ان خيال کي مون نثري نظم ۾ قيد ڪيو آهي. ۽ اهو ٻہ هڪ هنر ۽ ڏاڻ آهي انهيءَ هنر ۽ ڏاڻءَ ۾ مون ڪيتري قدر سڱلتا ماڻي آهي. ان جو فيصلو مان نہ پر پڙهندڙ ئي ڪري سگهن ٿا. مان ننڍي وڏي شاعر ۽ سڀي خراب واري شاعر جي چڪر ۾ ڦاسڻ کان پاڻ کي تمام پري رکيو آهي، مون جيڪو پني تي اتاريو آهي. اها منهنجي دل جي صدا، دل جي پڪار ۽ دل جي آهہ آهي مان ٿورائتو آهيان پنهنجي پياري نسيم بلوچ جو جنهن پنهنجاسمورا ڪم پاسي تي رکي، اول منهنجو هي ڪتاب هفتي ۾ ڪمپوز ڪري ڏنو. ۽ مان ٿورائتو آهيان راجن منگريو ۽ هوش محمد پٽي جو جنهن پنهنجو قيمتي وقت ڪڍي منهنجي ڪتاب جا پروف چيڪ ڪيا. مان بي حد ٿورائتو آهيان پنهنجي محسن محمد صديق منگئي جو جن جي ساڻ ۽ سهڪار سان منهنجو هي ادبي پورهيو اڄ توهان جي هٿن ۾آهي. پنهنجي انهن دوستن جو ٻہ ٿورائتو آهيان جن منهنجي ڪتاب لاءِ مونکي پنهنجا رايا لکي ڏنا ۽ مان گهٽو ٿورائتو آهيان ڏوالفقار گاڏهي جو جنهن هي ڪتاب ڇپرائي توهان جي هٿن تائين پهچايو آهي. منهنجو هي پورهيو دردن ڦولاريا ڦول توهان کي ڪيئن ٿو لڳي مان توهان جي راءِ جو منتظر رهندس.

وفا صالح راڄپر
وڏي وهٽي-باڊهہ
03333670955


نثري نظم

چمين جا پَها

تون جڏهن بہ منهنجي ڳڻتن تي،
چمين جا
پها رکندي آهين.
تہ مان.
پنهنجي ڳڻتن کي
سيني آسماني ڪتابن کان
پاڪ ۽ پوتر سمجهندو آهيان.

پلصراطون

مون رُڱي تو سان،
محبت جو اظهار ڪيو آهي.
موٽ ۾،
تو،
دُورين جون پلصراطون،
اڏي ڇڏيون آهن.

خاموشي

مان جڏهن ب،
ڪجهہ ڳالهائيندو آهيان.
تہ تون چوندي آهين:
تنهنجو فلسفو،
مونکي سمجهہ ۾ نٿو اچي،
پر جڏهن مان،
چپ ٿي ويندو آهيان
تہ چوندي آهين.
مون کي تنهنجي
اها خاموشي ماريندي.

گل

مُون کي،
گوليون نہ پر،
گل گھرجن.
پنھنجي پرينءَ کي
ڏيڻ لاءِ.

آرزو

جيستائين،
تنهنجو ساڻ رهيو
تيستائين،
جيئڻ جي آرزو رهندي،
پر جڏهن به،
تو ساڻ ڇنو،
تہ مان
جيئڻ تان هٿ کڻي ويندس.

ڏکوئيندڙ ٺهڪ

اڄ جڏهن منهنجو،
تنهنجي شهر مان گذر ٿيو،
تہ ڏکوئيندڙ ٺهڪن،
منهنجو سواگت ڪيو.
ان جو ڪارڻ،
تنهنجي بي رخي آهي.

گذارش

تو ڪيڏي نہ،
آرام سان ڇيو آهي.
تہ تون مون کي،
وساري ڇڏ.
ڇا....؟
تون مون کي.
وساري سگھين ٿي؟!

ڏک سک

توجڏهن کان،
پنهنجا سمورا ڏُک
منهنجي نانءُ ڪيا آهن
تڏهن کان
مون وري
پنهنجا سمورا سک
تنهنجي نانءُ ڪري ڇڏيا آهن.

مقدس

تنهنجا موڪليل،
سمورا پٽر.
مون لاءِ،
پٽائيءَ جي بيتن
ءٌ .....
قرآن جي آيتن جيان مقدس آهن.

جيون ۾

تنهنجي،
ڇڏي وڃڻ کان پوءِ،
ڪيتريون ئي ڇوڪريون،
منهنجي،
جيون ۾ آيون،
پر اڄ تائين،
تنهنجي جاءِ
ڪا بہ ڇوڪري ماڻي نہ سگهي.

يادن جو البم

مان مڃان ٿو تہ،
تون سندر آهين.
ءِ تون بہ عورت آهين،
پر پوءِ بہ،
مان توسان پيار نٿو ڪري سگهان
ءِ نہ ئي وري،
توکي پنهنجو جيون ساٿي،
بڻائي ٿو سگهان.
ها! البتہ توکي،
زندگيءَ جي،
ڪنهن نہ ڪنهن موڙ تي،
ياد ضرور ڪندس.
ءِ پنهنجي،
يادن جي البم ۾،
هُن کان پوءِ پيو نانءُ
تنهنجو ئي رهندو.

جاڳندي خواب لهندو آهيان

آءٌ پهريان،
بند اکين سان خواب ڏسندو هيس،
پر جڏهن کان،
تون دور ٿي وئي آهين،
تڏهن کان،
ننڊ نيٺن مان اڏري وئي آهي
ءِ هاڻي آءٌ
جاڳندي خواب لهندو آهيان.

ڳولا

تنهنجي،
ڳولا ڪندي ڪندي،
مان پاڻ کي،
وڃائي چڪو آهيان،
ءِ هاڻ،
منهنجي گهر وارا،
منهنجي،
ڳولا ڪري رهيا آهن.

رابيل جا گل

پين گلن جي پيٽ ۾،
رابيل جا گل،
مونکي
ڏاڍو وڻندا آهن،
ڇو تہ،
اهي مونکي
تنهنجي ڳلن جيان
سٺا لڳندا آهن.

ساڀيائون

ماڻهو دعائون گهرندا آهن،
سندن سپنا ساڀيائون ماڻين،
پر مان،
دعائون گهرندو آهيان
ته منهنجا سپنا
ڪڏهن به ساڀيائون نه ماڻين،
ڇاڪاڻ ته،
آءٌ جيڪي سپنا ڏسندو آهيان
اُهي توکان،
ڏار ٿيڻ جا هوندا آهن.

اپريل فول

خوشين جي آڳر تي،
تصوير هن جي،
سامهون رکي،
پنهنجي مَنَ کي بهلايم پئي،
تہ فون تي ڪنهن چيو،
تنهنجي پريمڪا،
ڪار ايڪسيڊنٽ ۾ فوت.
آڱُ بيهوش ٿي ڪري پيس.
وري ڪجهہ لمحن کان پوءِ
ٻيهر فون آئي
هُوءَ مسڪرائيندي چوڻ لڳي،
خيال ڪجانءِ جاني!
اڄ اپريل فول آهي.

ذلتون

تنهنجي،
نانءَ تي،
مليل سيئي ذلتون.
ماڻهن لاءِ،
ذلتون آهن.
پر اهي مون لاءِ
ڪنهن،
اعزاز کان گهٽ ڪونہ آهن.

واپسي

ڪاوڙجي،
وڃڻ وقت
تو مون کان،
پنهنجون سموريون شيون،
واپس ته ورتيون،
پر مون کان،
اُهي چميون ته واپس وٺ،
جيڪي،
تو مونکي ڏنيون آهن.

جدائيءَ جون ڳالهيون

اڄان تہ،
ٺيڪ طرح سان،
پاڻ مليا ئي ڪونہ آهيون،
تہ وري،
هيءَ جدائيءَ جون ڳالهيون ڇو؟

ڪڪائون گھر

منھنجي،
ھن ڪڪائين گھر مان
منھنجا.
سمورا پاتي لڏي،
پڪي گھر ۾ رھڻ لڳا آھن.
پر،
ھڪ مان آھيان،
جو ھن ڪڪائين گھر بنا،
رھي نٿو سگھان.
ڇاڪاڻ تہ،
ھن گھر ۾،
مونسان گڏ تنھنجون
يادون رھنديون آھن.

جنت

يا خدا!
تنهنجي خلقيل هن ڪائنات ۾،
رهندڙ سڀ انسان،
جيڪڏهن دل ۾،
تنهنجو خوف رکن
تہ جيڪر
هي سڄي ڪائنات
جنت بڻجي پوي.

ڪويتائون

شال،
تنهنجي سونهن،
ڪڏهن بہ ميري نہ ٿئي،
تہ جيئن
مان تنهجي سونهن تي
روز نيون
ڪوتائون لکندو رهان.

ڪاري

ڪلهه رات،
هن پنهنجي پيٽ کي،
ڪاري ڪري ماري ڇڏيو،
ءِ اڄ،
رات جي ڪاري چادر ۾،
پنهنجي محبوبہ جي،
ڳلن ءِ ڳٽن کي چمندي
چوي ٿو
تون ڪير جهڙي اڇي
ءِ قرآن جيان پوتر آهين.

الڳ ٽيڻ جو درد

توسان ملڻ تي،
خوشي برابر ٿيندي اٿم،
پر،
ان خوشيءَ کان وڌيڪ،
توکان
الڳ ٽيڻ جو درد،
وڌيڪ پياري لڳندو اٿم.

آءٌ امر ٿي ويس

مون ماڻهن سان،
پنهنجي دل جون ڳالهيون،
ڪرڻ ٿي چاهيون،
ماڻهن ڪنن ۾ ڪهڻ وجهي ڇڏي،
مون ماڻهن سان روئي،
پنهنجي دل جو بار هلڪو ڪرڻ ٿي چاهيو،
ماڻهو مون کي چريو چوڻ لڳا،
مون ماڻهن سان گڏ،
پنهنجي ڏُکن کي متائڻ لاءِ
ٺهڪ ڏيڻ ٿي چاهيا،
ماڻهو مون تي چٽرون ڪرڻ لڳا،
مون ماڻهن سان،
بي پناهه محبت ڪئي،
ماڻهو مون کان نفرت ڪرڻ لڳا
ءِ پوءِ مون،
انهن سمورين ڳالهين کي قلمبند ڪيو
آءٌ ليکڪ ٿي ويس
ءِ پوءِ
ماڻهو مونکي پڙهڻ لڳا،
ءِ مان امر ٿي ويس.

ڪافر

مون قرآن ڪي ڪتاب چيو،
ماڻهو مونکي ڪافر چوڻ لڳا
مون پنهنجي شاعريءَ ڪي،
قرآن جي آيت سان پيٽيو،
ماڻهو مونکي دهريو ۽ چريو سڏڻ لڳا.
پر، ڪلهه هُن،
ڪاغذ جي چند ٽڪرن تي،
پنهنجي ڏيءَ وڪڻي ڇڏي.
نياڻي، جيڪا
ست قرآن آهي.
هُن ڏيءَ نہ پر ست قرآن وڪيا،
مون ماڻهن کان اهو سوال ڪيو تہ:
آنءُ، ڪافر ۽ دهريو ٿي ويس
پر جنهن نياڻي وڪي
ڇا اهو مسلمان آهي!؟

بانگ

ڪلهه،
هڪ شاعر جي گهر ۾،
ٻار جنم ورتو،
ٻار کي ڪن ۾ بانگ چوڻ لاءِ،
مُلي جي تلاش ۾ هيا
شاعر،
ٻار کي هٿن ۾ کڻي سندس ڪن ۾،
بانگ ڏيڻ بدران،
لطيف جون وايون،
ڳائڻ،
ايياز جا بيت پڙهي ڇڏيا.

ڏُک

زندگيءِ،
ايترا تہ ڏک،
مليا آهن
جو هاڻ
خوشيءَ جو
احساس نٿو ٿئي

خوشيون

اي خدا!
منهنجي پاڻ جون،
سموريون خوشيون،
دکن ۾ ميساري ڇڏ.
تہ جيئن،
اڃان بہ وڌيڪ
منهنجي لکڻين ۾ گهرائي پيدا ٿئي.

نئون سال _ نئين صدي

منهنجي،
اداس ۽ معصوم نيٽن ۾،
سمايل چلولي چوڪري
توکي مبارڪ هجي،
نئون سال ۽ نئين صدي،
۽ ان جون،
سموريون خوشيون.

ٽنوليون

هاڻ جڏهن به،
مان توکي،
محبوبہ جهڙي منڙي نالي سان،
سڏيندو آهيان.
تہ منهجي ڳوٺ وارا.
مون تي ٽنوليون ڪندا آهن.
ها، ان ڪري جو تون،
منهنجي پيءَ جي موت تي،
مون وٽ آئينءَ بہ ڪونہ،
شايد منهنجي ڳوٺ وارا.
ان ڳالهہ کان بي خبر آهن
تہ جنهن ڏينهن تي،
ٽيو هيو بابا جو موت،
ان ڏينهن کان
پہ ڏينهن اڳ،
توکي تنهنجي گهر وارن،
ڪنهنجي ڪنوار ٽيڻ لاءِ،
ويهاريو هيو ونواهہ ۾.

وصيت

اي منهنجي ڳوٺ جا رهواسيو!
اچو، اچو ۽ ٻڌو،
منهنجي هيءَ وصيت،
جيئري جدائي هن جي ٿي نہ ڪڏهن،
۽ هاڻ بہ ڏور هن کان
ٿيڻ چاهيان نٿو،
ها. اڄ تہ آءٌ
بيماريءَ جي بستري تي ستل آهيان
اگر جي،
آءٌ وڃان مري،
تہ منهنجو جنازو،
"ڪنڊيوَر" جي پراڻي قبرستان ۾ رکجو.
چو تہ...
ان قبرستان جي بلڪل قريب،
منهنجي محبوبہ جو گهر آهي.

لڙڪن جو ٻُنگ

ڪلهه منهنجون مرڪون،
اغوا ڪيون ويون هيون،
ڇ انهن جي عيوض مون کان
لڙڪن جو ٻنگ گهريو ويو.
ان وقت سمنڊ ڇ تلاءَ سڀ سڪل هئا
ڇ پوءِ مون اُهي سڀ
پنهنجي لڙڪن سان ڀري ڇڏيا.
پر اجان به وڌيڪ مونکان
لڙڪن جو ٻنگ گهريو ويو
پر منهنجي اکين ۾ هاڻ ته
لڙڪ بچيا ئي ڪونه آهن.
ها آهي ڪوئي جو مون کي
ٿوري وقت لاءِ،
پنهنجا لڙڪ اڌارا ڏئي،
آئون واعدو ٿو ڪيان ته
مرڪون واپس ملڻ تي
آئون انهن لڙڪن جي قيمت
چڪائي ڇڏيندس.

ڪير

ڪلهه رات،
ڪير نه ملڻ جي ڪري،
غريب پورهيت جو پٽ،
تڙپي تڙپي مري ويو،
ڀاڄ شام،
انهيءَ ساڳي شهر ۾،
پير جي درگاهه کي،
ڪيترن ئي ڪير جي مڙن سان،
غسل ڏنو ويو.
ڀ پورهيت حيرت پريل نگاهن سان،
فرش تي زيان ٽيندڙ،
ڪير کي ڏسندو رهيو.
ڪيس وهندڙ ڪير ۾
پنهنجي، معصوم پٽ جو لاش پئي نظر آيو.

دوزخ جي باهه

تنهنجو پيار،
مون لئه
اونداهي ۾،
روشني جيان آهي
۽
تنهنجي نفرت،
دوزخ جي باهه جهڙي آهي.

اهميت

مون لئہ،
خوشي،
ايتري اهميت نہ ٿي رکي،
جيترا ڏک،
ڇوتہ،
خوشين جو ساٿ
ناپائيدار
ءِ ڏُکن جو ساٿ
پائدار هوندو آهي.

جيت

تون سدائين،
منهنجي هارَ تي،
خوش ٿيندي آهين،
پنهنجي جيت کان بہ وڌيڪ.
پر جي،
مان تو وٽان هار نہ کاوان
تہ تنهنجي جيت
ڪيئن ٿيندي؟
ءِ
تنهنجي جيت ۾ ئي تہ
منهنجي جيت آهي.

وڻي

مان
ان ڪري زنده آهيان
جو مان،
ڪنهن جي زندگي آهيان
نہ تہ،
موت ۽ مون ۾
ڪا بہ وڻي ڪانهي.

ٻالڪپڻو

روزا،
نمازون،
زڪوات،
حج
ءِ
خير خيراتون،
سڀ تنهنجي نانءُ،
يا خدا!
ان جي بدلي مونکي
منهنجو
ٻالڪپڻو موٽائي ڏي.

ننڊ

جنهن ڏينهن ڪان،
هن ٻڏو آهي تہ،
فلاٽي امير جو
گهر جي ڇت ڪري پوڻ ڪري
موت ٿيو آهي
تڏهن ڪان هُو
جڏهن،
پنهنجي محل ۾ سمهندو آهي
تہ
هن جي ننڊ
اڏري ويندي آهي.
جڏهن تہ هن جي محل پرسان،
جهوپڙي ۾
هڪ پورهيت
گهري ننڊ جا مزا وٺي رهيو آهي.

واحد القهار

يا خدا!
تنهنجو نالو،
واحد القهار
هن ڪائنات جي،
جڙڻ ڪان اڳ ۾ هيو
يا،
هن ڪائنات جڙڻ ڪان
پوءِ پيو آهي؟

امر پيار

تنهنجو منهنجو پيار،
مرڻ گهڙيءَ تائين امر آهي،
ءِ امر پيار ۾،
ويجوڙن جي ڪا به وقعت نه آهي.

معنيٰ

تون جڏهن کان،
منهنجي ناهين رهي،
تڏهن کان
زندگي،
پنهنجي معنيٰ
وڃائي ويٺي آهي.

ڪاش! مان پار هجان ها

منهنجي ننڍپڻ جا ڏينهن،
ڪيڏا نہ سک ۽ سانت جا هيا،
هاڻ تہ
منهنجي وڏي ٿيڻ سان گڏ،
مشڪلاتون بہ،
وڏي وڻ ٿيون آهن
سوچيان ٿو ڪاش!
مان جيڪر پار هجان.

تنهنجو هڪڙو لفظ

تون،
جڏهن کان ڏار ٿي،
نفرتن جا ڪات ۾ ڪاڙا
تکا ڪيا آهن
تڏهن کان
منهنجي بهار جهڙي
اجري جيون ۾
خزان جي موسم
ٽڪي پئي آهي.
ان هوندي بہ
جي تون،
هڪڙو پيرو
صرف هڪ پيرو
فون تي ئي
هيلو چئي وجهين تہ،
منهنجا سڀ ڏاکڙا ڏور ٿي وڃن.

وڇوڙو

تون جڏهن مون کان،
وڇڙي وئينءَ،
ته تنهنجي وڇڙي وڃڻ کان پوءِ،
ايترا سڻا ءِ بهترين دوست مليا.
جو ان وقت،
تنهنجي وڇوڙي جو احساس
ڃڻ ته ٿيو ئي ڪونہ هيو
پر جڏهن
اُهي سڀ دوست،
هڪ هڪ ٿي وڇڙڻ لڳا
ته تنهنجي وڇوڙي جو احساس ڪر ڪٽي،
منهنجي وجود ۾،
واڪا ڪرڻ لڳو آهي.

جي ايم سيد جھڙو پيار

اي سنڌ!
مون کي بہ توسان
جي ايم سيد جيان عشق آھي.
پر آئون، ڏينھن رات،
ان سوچ ۾ آھيان
تہ آئون توکي،
جي ايم سيد جھڙو پيار
ڏئي سگھندس الائي نہ؟
چو تہ،
جيڪو پيار توکي جي ايم سيد ڏنو
اھڙو پيار
توکي ڪوبہ ڏئي نٿو سگھي.

پيڙ

مون دنيا جون،
سڀ نفرتون گڏ ڪري،
هن سان نفرت ڪئي،
ان جي باوجود به
هن وري دنيا جون
سڀ محبتون گڏ ڪري،
مون سان محبت ڪئي
ءِ پوءِ
منهنجي ضمير مونکي چيو،
هُوءَ توسان ڪڏهن به نفرت نه ڪندي،
چو ته....!؟
هُوءَ تنهنجي پيڙ آهي.

پراٽيون يادون

ڪيترن ئي سالن جون،
پراٽيون يادون،
آئون اڄان تائين پنهنجي هينئين ۾،
سانڍيون وينو آهيان،
اڄ جو،
تون مون وٽ آئي آهين
تہ هاڻ مونکان پنهنجون
اهي يادون واپس ڪنيون وڃ
ڇاڪاڻ تہ
تنهنجون اهي يادون،
منهنجي هڏن جو ٻِڪ
ڪائي رهيون آهن.

مسڪراهٽ

سال ۾ صديون،
گذري وڃڻ کان پوءِ به،
مان تنهنجي،
چپن جي مسڪراهٽ
وساري ناهيان سگهيو
چاڪاڻ ته،
تنهنجي اها مسڪراهٽ،
منهنجي وجود جو،
حصو بنجي وئي آهي.

ڪينسر

ڪينسر جھڙي
خطرناڪ بيماري
هاڻ تہ
ڏينھون ڏينھن
وڃي پئي وڌندي
شايد!
ڪن پلڪن ۾
مان وڃان نہ مري
پر پوءِ بہ
(منھنجي موت کان پوءِ)
مونکي اھا خبر ڪيئن پوندي
تہ تون
مون لاءِ
رني بہ ھئينءَ
يا نہ!

ديوتا

تنهنجي وڃڻ کان پوءِ
مون پيار ڪيو آ
تنهنجي يادن سان
ءِ مان پوڄيندو آهيان
تنهنجي انهن يادن کي
دل جي مندر ۾ ويهاري
ديوتا سمجهي

اجڙيل دل

تنهنجي
ملڻ سان
منهنجي ويران دل جا
سيئي ڪوماٽيل گل
ٽڙي پيا آهن
ها بلڪل ايئن
جيئن
بهار جي آمد ۾
سڪل پوٽا
ساوا ٿي پوندا آهن.

مطالعو

تنهنجي
حسن جي
هڪڙي جهلڪ
منهنجي لاءِ
ڏهن ڪتابن جي
"مطالعي" مثل آهي.

خوبصورت زندگي

هاڻ هي زندگي
پل پل
خوبصورت
۽ وٽندڙ
پئي لڳي
ان ڪري
جو تون
منهنجي
جيون ۾
آئي آهين

هڏڪيون

ماڻهو چون ٿا تہ،
تو مون کي وساري ڇڏيو آهي،
پر آئون اهو ڪيئن مڃان؟
ها!
جڏهن هڏڪيون اڇڻ،
بند ٿي ويندیون
تڏهن مان
سمجهندس تہ
تو، مونکي
وساري ڇڏيو آهي.

قسم

تون مونکي،
پنهنجو قسم نہ ڏجانءِ
چو تہ.
آءٌ خدا جو قسم کڻي،
مُکري تہ سگهان ٿو.
پر
تنهنجو نہ.

عبادت

مون ڪڏهن به،
ڪنهن مسجد، مندر،
يا ڪليسا ۾ وڃي،
عبادت ناهي ڪئي
منهنجو،
سچ لکڻ/چوڻ
ڪنهن عبادت کان
گهٽ آهي ڇا؟

ڏُک

زندگيءَ ۾
ايترا تہ
ڏک مليا آهن
جو هاڻ خوشيءَ جو
احساس ئي نٿو ٿئي.

ڪورو

آنءُ لڏيرو ءِ ڪورو آهيان
مون رائيفل جي زور تي
ڪوڙ سارن،
ماڻهن کي لڏيو ءِ ڪريو آهي.
پر افسوس جو،
آنءُ گهڻي ڪوشش جي باوجود، به
رائيفل جي زور تي
هن جي دل ڪري نه سگهيو آهيان.

نفرت ۽ محبت

تو جڏهن،
مون سان نفرت ڪئي،
تہ مون،
پنهنجو پاڻ کي وساري ڇڏيو.
پر جڏهن،
تو مون سان محبت ڪئي
تہ، مون،
خدا کي وساري ڇڏيو.

جدائيءَ جو درد

توسان ملڻ تي
خوشي
برابر ٿيندي اٿم
پر، انهيءَ خوشيءَ کان وڌيڪ
توکان،
الڳ ٿيڻ جو درد
وڌيڪ پاري لڳندو اٿم.

ائين ڪڏهن ٻہ نہ چئجان

تون چئہ تہ،
آءٌ آسمان تان تارا لاهي اچان،
تون چئہ تہ،
آءٌ دنيا جون سموريون خوشيون
تنهنجي قدمن ۾ آڻي رکان،
تو چئہ تہ،
سياري جي سرد رات ۾ تنهنجو اوسيئڙو ڪٽيان
پر تون،
ائين ڪڏهن ٻہ نہ چئجان
تہ
تون مون کان الڳ ٿي وڃ.

روشني

تون ڪجھ ڏينھن لاءِ،
منھنجي،
اکين کان پري ھلي وئي آھين
تہ،
ائين لڳي رھيو آھي
جڙ تہ،
منھنجي اکين جي روشني
ھلي وئي آھي.

گروي

مون يادن جي ضمانت ڏئي.
تنهنجا خواب
گروي رکيا آهن
ان خوف کان تہ،
متان تو جيان ڪوئي مون کان
منهنجا خواب
نہ کسي وڻي.

قيامت

تنهنجي هڪڙي چمي،
منهنجا
صدين جا ٽڪ لاهي ڇڏيندي آهي
تنهنجو هڪڙو پاڪر
منهنجا
سمورا غم متائي ڇڏيندو آهي
تنهنجي هڪڙي مرڪ
منهنجي
خزان بٹيل جيون ۾
بهار آڻي ڇڏيندي آهي
پر....
تنهنجي نفرت مان ڪنيل هڪ نظر
مون لاءِ
قيامت برپا ڪري ڇڏيندي آهي.

خدا آهين تون

تنهنجون يادون،
مون لاءِ وندر
تنهنجو پيار
مون لاءِ ملڪيت
ءِ تون
مون لاءِ خدا آهين.

وفا

تنهنجي،
بيرخيءَ جو ڏک نہ،
پر،
توسان ڪيل،
وفا جو ڏک آهي.

خدا کي ڪنهن وساريو آهي ڇا؟

ڪلهه فون تي،
ڳالهائيندي چوڻ لڳي،
وساريو ته ڪونه اٿئي،
رسيور کي چمندي چيم،
خدا کي ڪنهن وساريو آهي ڇا؟

درد

مون تنهنجي
وڇوڙي جي درد کي
لکائڻ ٿي چاهيو
پر اکيون،
انهيءَ درد کي لکائي نہ سگهيون

شاعر جي دل

تون تہ
مونکي چوندي آهين
تہ مان
سنگدل آهيان
پر
تو ڪڏهن
ڪنهن شاعر جي دل ڏٺي آهي؟!

نياڻي

اڪثر چيو ويندو آهي تہ
هڪ نياڻي ست قرآن!
جيڪڏهن ايئن آهي تہ پوءِ
ماڻهو
نياڻي کي،
ڪيئن،
رڍ، ٻکري جيان
وڪرو ڪري ڇڏيندا آهن؟

بي عقل

جيئن پوک کي،
پاڻي جي ضرورت هوندي آهي
گهر کي،
عورت جي ضرورت هوندي آهي
تيئن ئي
ڪنهن کي سمجهڻ لاءِ
عقل جي ضرورت هوندي آهي
پر
تو وٽ عقل آهي ئي ڪونہ
تہ پوءِ
تون مونکي
ڏوڙ سمجهندين.

نيٺ

تو جڏهن ڪان،
مون سان اڇڻ جو وعدو ڪيو آهي
اهو ڏينهن ۽ هي ڏينهن
مان،
تنهنجي راهه ۾
نيٺ وچايون ويٺو آهيان.

ڪمزوري

تو پڇيو تہ
تنهنجي
ڪمزوري
ڪهڙي آ
تنهنجي
مرڪ جانان!
تنهنجي مرڪ.

رشتو

رت جي رشتي
ءِ،
دوستيءَ جي رشتي
کان وڌيڪ
محبت جو رشتو،
پاڪ ءِ پوتر لڳندو آهي مونکي
ءِ
منهنجو توسان
محبت جو رشتو آهي.

مَنَ مهڪائي ڇڏيو

جيئن،
برسات جي وسي وڃڻ کان پوءِ
وڻن جا پن،
مهڪي پوندا آهن
ايئن ئي،
مون توکي چاهي
پنهنجو مَنَ مهڪائي ڇڏيو آهي.

خوشبوءِ ڏک

تون جڏهن،
منهنجي ٻانهن ۾ هوندي آهين،
تہ،
ائين لڳندو آهي،
جڻ،
ساري دنيا جون خوشيون مون وٽ هجن،
ءِ،
تون جڏهن
ڏور هلي ويندي آهين
تہ ائين لڳندو اٿم
جڻ،
ساري دنيا جا ڏک
مون وٽ گڏ ٿي ويا هجن.

زهر جا پيالا

ڪهڙي ڏوهه جي سزا ۾،
مون کي سقراط جيان،
زهر جو پيالو پياريو ٿو وڃي
جيڪڏهن
هن کي چاهڻ جي سزا اها آهي
ته پوءِ
اهڙا ڪيترائي پيالا
مان پيئڻ لاءِ تيار آهيان.

انتها

تون پل،
نفرت جي انتها ڪري ڇڏ،
پر آءٌ
محبت جي انتها تائين ويندس.

منهنجي وس ۾ ناهي

چيائين:
مون سان ايتري محبت نہ ڪندو ڪر.
چيم:
اهو منهنجي وس ۾ ناهي.
چيائين:
مون کان سواءِ جيءَ سگهندين؟
چيم:
اهو بہ منهنجي وس ۾ ناهي.
چيائين:
مون کي وساري ڇڏ.
چيم:
اهو بہ منهنجي وس ۾ ناهي.
نرڙ تي
هڪ ڊگهي چمي ڏيندي،
چيائين:
تنهنجي وس ۾ پيلا ڇاهي؟
چيم:
جيڪو ڪجهہ ڪري رهيو آهيان.

زندگيءَ جون دعائون

او_امان!
مون کي ڏکھي زندگيءَ
جون دعائون نہ ڏي.
شايد، تون نہ ٿي ڄاڻين،
تہ،
زندگي جيتري منہ آهي،
ان کان،
ڪيئي حصا وڌيڪ
اذيت ڏينڏڙ بہ آهي.

ماءُ جو پيار

هن مون کي،
پنهنجي پاڪر جي حصار ۾ پريندي
منهنجي پيشاني چمندي چيو:
منهنجو پيار
تو لاءِ سدائين ٻڌ جي گهاٽي
ڇانوَ جيان رهيو آهي
ان جي باوجود بہ
تنهنجي من مان اداسي
ڏور ناهي ٿي
چيم:
ماءُ جي پيار کان سواءِ کو بہ پيار
مَنَ جي مايوسي،
متائي نٿو سگهي.

واسطا

تنهنجا منهنجا واسطا،
ڪڏهن به
ختم ٿي نٿا سگهن
ڇاڪاڻ ته
نفرت به ته هڪڙو
واسطو آهي.

جنازو

ڪالهه،
جڏهن منهنجي ڳوٺ مان،
تنهنجي،
گهر جو لڏو ڪٽي رهيا هيا
ان وقت
مونکي ائين لڳي رهيو هو
ته جڙ
اهو تنهنجو لڏو نه
منهنجو جنازو ڪٽي رهيا آهن.

قبضو

اڄ تنهنجي وڇوڙي جي،
پهرين ورسي آهي
ڪوشش ڪريان ٿو تہ،
مک تي مرڪ سجائي
ورسي ۾ شريڪ ٿيان
پر،
گهٽي ڪوشش جي باوجود
مک تي مرڪ آڻي نہ سگهيو آهيان
ان لاءِ جو
منهنجي مرڪن جي زمين تي
لڙڪن قبضو ڪري ورتو آهي.

موت

مون موت کي،
ايترو ته،
ويجهڙائي کان ڏٺو آهي
جو هاڻ
موت جي تصور کان بہ
ڊپ نٿو ٿئي.

پيار

توکان،
پيار ملڻ،
ائين آهي
جيئن،
سحرا ۾ گل جي تمنا ڪرڻ.

موت جو ڪفن

تون،
پنهنجي محبت کي،
خاموشيءَ جو ڪفن پارائي ڇڏ،
نہ تہ،
منهنجا مالڪ توکي،
موت جو ڪفن پارائي ڇڏيندا.

ڪارو لباس

منهنجي،
جسم تي هي ڪارو لباس،
ڪنهن پي جي نہ پر
تنهنجي
ويجوڙي جي نشاني آهي.

بي چين روح

جڏهن،
چاهتن جو چنڊ
تنهنجي،
مَن آڱر تي کڻي پئي تہ،
تون پنهنجي،
دل جو دروزا و کولي ڇڏجانءِ
جو
منهنجو بي چين روح،
تنهنجي مَن اندر آرام ڪرڻ چاهي ٿو.

رندڪ

تو ڏانهن ايندڙ،
سمورن رستن تي
هنن
ڪنڌا ۾ ڪاوا وڪيري ڇڏيا آهن
پر، شايد،
هُو
اهو نٽا ڇاڻن
تہ،
عاشق هر رندڪ اُڪري ايسندا آهن.

عزيز

مان،
تنهنجي ڏنل هر درد کي
دل ۾ سانڍي رکيو آهي،
ان لاءِ جو
تنهنجا ڏنل درد
مونکي،
منهنجي جان کان بہ عزيز آهن.

عاشقي ڇا ٿيندي آهي

ڪجھ پلن لاءِ،
تون عاشق ٿي پوءِ
ءِ مان، تنھنجو معشوق،
ايئن
توکي،
خبر پئجي ويندي تہ،
عاشقي ڇا ٿيندي آهي.

سهارو

مون کي،
ڪنهن به سهاري جي،
ڪا به ضرورت ناهي
ڇو ته، سهارا
ماڻهن کي
ڪمزور بڻائيندا آهن.

تو کانسواءِ

آءٌ،
اڇيو،
بُکيو
ءَ
انگ اگھاڙو،
رهي ته سگھان ٿو،
پر،
تو کان سواءِ
هڪ پل بہ نٿو رهي سگھان.

نفرت

توسان،
پيار جي بدلي ۾،
شهر جا سپ ماڻهو،
مون کان نفرت ڪن ٿا
مون کي،
انهن جي نفرت جو ڪو به
ڏک ڪونهي،
ڏک صرف ان ڳالهه جو آهي،
ته تون به هاڻ
مون کان نفرت ڪرڻ لڳي آهين.

زندگيءِ موت

مان،
زندگيءِ موت جي وچ ۾،
چو ڪنيو پڌل آهيان
هاڻ تہ مون کي،
نہ زندگي ٿي پنهنجو ڪري
ءِ نہ وري موت ئي ٿو پنهنجو ڪري.

تنهنجي وڇوڙي کان پوءِ

تنهنجي،
وڇوڙي کان پوءِ،
مون کي،
زندگي سياري جي رات جيان،
ڊگهي ٿي لڳي
ءِ مان بستر تي،
پاسا ورائي ورائي ٽڪجي پيو آهيان.

ٹھڪ

مون،
پنهنجي ڏُکن کي،
ٹھڪ ۾
ائين تبديل ڪري ڇڏيو آهي،
جو هاڻ دنيا کي،
منهنجا ڏک نہ
ٹھڪ ئي ٻڌڻ ۾ ايندا آهن.

دعا جا ٻاجهارا هٿ

اوا! امان،
جڏهن کان خدا،
تنهنجي دعا وارا
ڪچندڙ ٻاجهارا هٿ
مون کان کسي ورتا آهن
تڏهن کان
زندگي حادثن جي ور چڙهي وئي آهي.

آوي

جيئن آويءَ ٻ،
ٽانوَ پچندا آهن،
ها!
تيئن مَنَ ٻ،
تنهنجا ڏنل درد بہ پچي رهيا آهن.

خدا جا بنده

وڻ تہ پنهنجي ڇانو
نہ وڪڻندا آهن
تہ پوءِ....
اي خدا جا بنده
تون نياڻي ڪيئن ٿو وڪڻين؟

سھڻي

جيئن چانھ،
پنھنجي نيري لباس ۾،
سھڻي لڳندي آ،
چنڊ تارن ۾ سھڻو لڳندو آ
گل ٽاري ۾،
سھڻو لڳندو آ
ائين توکان سواءِ ٻي کا بہ چوکري
منھنجي مَنَ ۾ سھڻي نہ لڳندي آ.

لفظ ۽ اُمتي

منهنجي،
گهر واري مونکي چوندي آ
ته توکان وڌيڪ تخليق ڪار مان آهيان
پڇيومان ڪيئن،
چيائين،
تون لفظن کي جنم ڏيندو آهين
۽ مان امتي کي جنم ڏيندي آهيان
چيومانس
امتي مري سگهي ٿو
پر لفظ نٽا مري سگهن.

تون پاڻ کان پڇي ڏس

تنهنجو چهرو،
چوڏهينءَ جو چنڊ
تنهنجا وار
سانوڻ جون گهٽائون
تنهجو آواز
ڪوئل جي ڪوڪ
تنهنجو هلڻ
مور جي ٽور
تنهنجا ٽهڪ
فطري سازن جيئن
تنهنجا درد
ماکي جي لار جيان مٺڙا
ءِ تون پاڻ ڇا آهين؟
اهو تون مون کان نہ
پاڻ کان پڇي ڏس.

پوڄا

ڪاش!
جي زندگيءَ جي پڻيان
موت نہ هجي هان
تہ مان،
عمر ساري تنهنجي پوڄا ڪيان هان.

محبت

منهنجي،
محبت کي،
تارازين ۾ نہ تور،
محبت جي
کا بہ تور ماپ نہ ٿيندي آ

توکان پوءِ

توکان پوءِ
منهنجي خوشي،
ماتا جي بيماريءَ وانگر ختم ٿي وئي آهي
ءِ منهنجا درد
روز سج جيان ايري ٿا پون.

منهنجي دل

ڇامشوري،
جي شام جهڙي ڇوڪري،
جيئن تنهنجي
مٿي تي بنديا لڳل آهي،
ائين ئي،
منهنجي دل به،
توسان لڳل آهي.

ديوانگيءَ جو انت

هن پچيو تہ،
تنهنجي،
ديوانگيءَ جو انت ڇا آهي؟
سِر سندس قدمن ۾ رکندي چيم،
ديوانگيءَ جو اهو انت آهي.

تون منهنجو پيار آهين

تنهنجي زندگي،
منهنجي زندگي آهي
ءِ مون کي
پنهنجي زندگيءَ سان پيار آهي
ءِ تون منهنجو پيار آهين.

پيار پوڙهو نہ ٿيو

منهنجي،
خوبصورت چهري تي،
گهنج پئجي ويا آهن،
اکين جي روشني جهڪي ٿي وئي آهي
ڪارا نيور وار،
چاندي ٿي ويا آهن،
منهنجا پار ڀي
جوانيءَ جي حد پار ڪري چڪا آهن،
ايترو ڪجهہ،
بدلجي وڃڻ جي باوجود بہ
تنهنجو پيار،
منهنجي دل ۾ اڃا پوڙهو نہ ٿيو آهي.

ٿورو پاڻ کي تبديل ڪر

زندگي ائين ناهي
جيئن سمجهين ٿو
دوستي ائين ناهي؟
جيئن سمجهين ٿو.
گلن سان گڏ ڪنڊا به هوندا آهن،
سمجهي وٺ،
مٽاڻ سان گڏ ڪڙاڻ به چڪٽي آهي،
سمجهي وٺ،
دوستيءَ سان گڏ دشمني به هوندي آهي،
سمجهي وٺ،
زندگي ائين ناهي،
جيئن سمجهين ٿو،
بس ٿورو پاڻ کي تبديل ڪر.

جيئڻ جي آس

آءٌ، ان آس تي،
جيءَ رهيو آهيان
تہ،
تنهنجون نفرتون،
هڪ نہ هڪ ڏينهن،
محبت جو روپ ونڊيون.

فيصلو

تو، مون کان،
الڳ ٿيڻ جو فيصلو ڪيئن ڪيو؟
تنهنجو مون کان،
الڳ ٿيڻ مون لئ،
موت جيان آهي.

دکن جي بارش

مون پنهنجي نيٽن ۾،
جيڪي خواب سجائي رکيا هئا
تنهنجي دکن جي بارش
ايتري تہ برسي پئي
جو انهيءَ بارش ۾،
سمورا خواب لڙهي ويا.

تون ۽ مان

هن پڇيو تہ
محبت ڇا آهي؟
محبت ڪيئن هوندي آهي؟
اکيون اکين سان ملائيندي ڪيس ڇيم
تون ۽ مان!

تنهنجو وڇورو

تنهنجي ڪاوڙ ،
مون لئ
قيامت جو منظر،
تنهنجي محبت
مون لاءِ،
جنت جهڙي،
ءِ تنهنجو وڇوڙو،
مون لاءِ
موت آهي.

دوزخ جي باهم

دوزخ جي باهم ۾،
مون کي،
ايتري تڪيلف نہ ڏيندي،
جيتري تڪليف،
تنهنجي بي رخيءَ تي ٿيندي اٿم.

دردن سان دوستي

زندگيءَ ۾،
دک جي نہ هجن ها،
تہ زندگي کي سمجهڻ
ڏکيو ٿي پوي ها،
تون جي،
زندگيءَ کي سمجهڻ چاهين ٿو تہ،
دردن سان دوستي رک.

گُڏي

هن ظالم سماج،
۾ انڊي معاشري،
جا گڏي مون کان کسي ورتي
اها گُڏي،
بازار مان ملي ها
تہ منهنجون اکيون
رت نہ روئن ها.

يادن جون پيڙيون

جانان!
تو وري درياءَ جي هن پر،
پنهنجو گهرٽاهي ڇڏيو
هاڻ،
يادن جون پيڙيون ٽاهي
توسان ملندو رهندس.

درد جي لپ

تو سودي ۾،
مون وٽان،
خوشين جا انبار کٽي،
مون کي،
دردن جي لپ ڇو ڏني اٽئي؟

خوابن جي تعبير

ڪنهن چيو هيو تہ:
"خواب تعبير ناهن ماڻيندا"
پر اهيو ڪوڙ آهي،
چو تہ .....
تنهنجي مون سان محبت،
منهنجي خوابن جي تعبير آهي.

دل لڳي

تو پڇيو هيو ته،
تون مون کي،
ائين گهور ڪري ڇو ڏسندو آهين؟
چري!
اها توسان دل لڳي آ.

تون ڪڏهن به خفا نه ٿين ها

تنهنجي،
بي رخيءَ کان پوءِ،
منهنجي دل تان ڇا گذريو آ،
ان جي توکي پروڙ هجي ها
ته تون،
مون کان ڪڏهن به خفا نه ٿين ها.

خوشبوءِ

تون جڏهن به ،
منهنجي گهر آڳر تي،
پنهنجا قدم رکندي آن،
ته،
منهنجو سمورو گهر
خوشبوءِ سان واسجي ويندو آ.

حاصل

توکي،
وڃائڻ کانپوءِ،
ڪنهن بہ شئي حاصل ڪرڻ تي،
دل نہ چاهيندي آهي.

عشق ۽ قيد

دوستن يارن جي شڪايت آ،
تہ عمر گذري وڃڻ جي باوجود بہ
ڪجھ نہ ڪري سگھيس،
پر ڪين ڪيئن چوان تہ:
هن جي عشق ۾،
اهڙو تہ قيد ٿي ويس،
جو سڀ ڪجھ ڪرڻ جي باوجود بہ،
ڪجھ نہ ڪري سگھيس.

خوشين جي خيرات

مونکي هاڻ،
تنهنجي،
خوشين جي خيرات نہ گهرجي،
ڇاڪاڻ تہ،
مون دردن سان گڏ،
رهڻ سکي ورتو آهي.

بي رخيءَ جا ٽانڊا

تون،
روز روز
مون کي
بي رخيءَ جا ٽانڊا نہ ڏي.
ڪٽي،
آءٌ ، سڙي خاڪ نہ ٿي وڃان.

تنهائي

تون جڏهن
مون کان،
وڇڙي ويندي آهين،
تہ مان،
تنهائي کي،
پنهنجو ساٿي بنائيندو آهيان.

مايوس

تون جڏهن،
مايوس ٿي ويندو آهين،
تہ،
ائين پاسجندو اٿم،
جڙ،
سج ڪڪرن ۾ لڪي ويو آهي.

پيار ماپي نٿو سگھجي

پچائين ٿ:
تون مون سان،
ڪيترو پيار ڪندو آهين،
ڪيس چيم،
جيئن سمنڊ جي گھرائي ماپي نٿي سگھجي،
ها!
تيئن پنھنجو پيار بہ
ماپي نٿو سگھجي.

زندگيءَ سان پيار

نفرتن جي تکي اُس ۾،
برف جيان ڳري رهيو هيس،
جڏهن کان،
تو پيار جي برسات وسائي،
تڏهن کان،
زندگيءَ سان پيار ٿي ويو آهي.

غربت جا بَکيا

ڪلهه هُن،
منهنجي غريبيءَ جا،
بَکيا اُڀيڙي ڇڏيا،
ڪاش!
هُوءَ مون سان،
محبت ڪرڻ کان اڳ ۾،
هڪ وار
منهنجي زندگيءَ تي سوچين ها،
تہ اڄ،
منهنجي غريبيءَ جا بَکيا،
نہ ادڙجن ها.

پتو نہ مونکي ڪيئن ڏهياسين

سمورا تنهنجا هئاسين پوءِ ٻي،
ذرو به تنهنجا نہ ٿي سگهياسين.
اسان تہ معصوم ڪيفيت جا،
فقير جذبا به توکي ارپيا،
جوان جذبن جي هر خواهش به،
تنهنجي الفت جي نانءَ ڪئي
جڏهن ڪلياسين، جڏهن رناسين
اها جدا پوءِ ڳالهہ هوندي سائين
تہ پاڻ جيئن جيترا ٻي هئاسين
نہ مور توبن ڪٽي ڏهياسين،
حيران ڇڻن جو گيت اڏورو
ڪڏهن به آهي تہ تو ڪونہ سمجهيو،
نهار جيڪا صدين کان ٻڌڪيل،
ڪڏهن به توکي نظر نہ آئي،
تو حسين نظرن جي بس ڇلولائي
نہ ڪٽي سفر جو يقين آئي
پتو نہ مونکي ڪيئن ڏهياسين
پتو نہ توکي ڪيئن ڏهياسين.

يتيميءَ جو احساس

يتيمي ڇا هوندي آ
مون کي ڪا به خبر نه هئي،
يتيمي جو احساس،
ڪيئن جيءَ جهوريندو آ
مون کي ڪا به خبر نه هئي،
يتيميءَ جو ڪارو نانگ،
ڪيئن ساري وجود کي ڏنگيندو آهي
مون کي ڪا به خبر نه هئي
يتيم ٻار جا احساس
ڪيئن مجروح ٿيندا آهن
مون کي ڪا به خبر نه هئي
پر جڏهن،
بابا ءِ امان
منهنجي اکين کان پري ٿي
مون کي هميشہ لاءِ الوداع چئي هليا ويا،
تہ مونکي خبر پئجي وئي
تہ يتيمي ڇا هوندي آ.

سنڌ کان تون اٿم ناهين!

مونکي منهنجي او پريتم،
پنهنجي ڇاتيءَ تي سمهاري،
پيار جا ڪي ٻول ٻڌائي،
منهنجي ڳچيءَ ۾،
پنهجي نازڪ ٻانهن جا زنجير نہ وجهہ،
ڀ پنهنجا گلابي چپ،
منهنجي چپن تي رکي خاموشيءَ جو تالو نہ هڻ،
ڏسين نہ ٿي ڀ ٻڌين نہ ٿي،
مون کي منهنجا ساٿي،
هوشو، هيمون، دريا خان ڀ شهيد
پل پل پيا ٿا پڪارين،
سنڌ جي آزادي خاطر وڙهڻ ڀ ڪسڻ لاءِ،
مونکي نہ روک تون نہ روک تون،
هو ڏس ڀتائي بہ ڪر ڪٽي ٿو ڏسي،
ڀ ايياز بہ ڪراڻ تان پيو پچي،
ڏسئون ڪير ٿو اچي،
پنهنجي رت سان سنڌ کي ريج ڏئي،
آزاديءَ جو فصل پوکي،
ڀ جام شهات جو پئي،
مون کي تون چنيسر نہ بناءِ،

مان دودو ٿي ميدان ماريان،
ڏاريا سپ سنڊ مان ڏکاريان
آخر تون چوڙ ڇا ٿي چاهين،
تون پيار منهنجو برابر آهين
پر تون سنڊ کان اتم تہ ناهين
ڏس بلاول کيئن گهاٽي ۾ پيڙهيو ويو
منصور سوليءَ تي چڙهي ويو،
برفت سنڊ خاطر روپوش ٿيو
ڏارين کي پيو للکار ڪري
گولين جي گونجار ڪري
ڏکيو وقت اڄ سنڊ تي آيو آ،
سن مان سيد جو پيغام آيو آ
ڪٽي بہ اڄ رکڻو ناهي
ماڻ ڪري ويهڻو ناهي
ڪنهن جابر اڳيان جهڪڻو ناهي
آزاديءَ جو سڏ آ ٿيو،
مون ڪفن سر سان آ ٻڌو،
تنهنجي مَنَ ۾ آخر ڇاهي
تون پيار برابر منهنجو آهين،
پر سنڊ کان تون اتم تہ ناهين.

دردن ڦولاريا ڦول

تنهنجي ڏنل دردن
هاڻ تہ
ڪيترائي ڦول ڦولاريا آهن،
جن مونکي
وقت کان اڳ ۾ پوڙهو ڪري ڇڏيو آهي.

مان شاعر آهيان

هر ماڻهو جي موت تي،
قل پڙهيا ويندا آهن،
پر منهنجي موت تي
قلن بدران
گيت، غزل، وايون ۽ نظم پڙهيا ويندا
ڇو تہ
مان شاعر آهيان.

سجدو

خدا کان پوءِ توکي
ءِ توکان پوءِ
خدا کي سجدو ڪيو اٿم
پر
اڃان تائين
نہ تون ملي سگھيو آھين
ءِ نہ ئي خدا ملي سگھيو آھي.

اهميت

زندگيءَ جي اهميت
ڪڏهن ناهي ٿيندي
جڏهن
زندگيءَ مان پيار نڪري ويندو آهي.

سازشون

تون منهنجي روح ۾،
ائين سمايل آهين
جيئن خوشبوءِ گل ۾،
گل کان ڪڏهن
خوشبوءَ جدا ٿي آهي
جو هو
پاڻ کي جدا ڪرڻ جون
سازشون ڪري رهيا آهن

ملاقات

اڄ آئون توکي،
هڪڙي ڇوڪري سان ملايان ٿو
هن ڇوڪري کي
ننڍي هوندي عشق جي چوٽ لڳي هئي
ءِ اڄ سوڏو ان عشق سان
هيءَ نياءُ ڪندو پيو اڇي
هن ڇوڪري ڪڏهن بہ
وڏيون خواهشيون ناهن ڪيون
ءِ هر شئيءَ کي
قناعت جي نظر سان پئي ڏٺو؟
هن جي خواهشن جو دائرو،
انتهائي محدود رهيو آهي
عشق ۾ هن کي
شاهہ، سچل، ايازءِ استاد سان ڪيس
انتهائي درجي جو چاهہ آهي

ان ڇوڪري کي شايد
سُتيءَ ۾ درد ملائي پياريا ويا هئا
ان ڪري دردن هن جو پلئہ
ڪڏهن بہ ناهي ڇنو
خوشين جي بنسبت
هن دردن سان پيار ڪيو
ان جو سبب شايد
خوشين جو ساٿ ٿوروءِ ناپائدار هوندو آهي
جڏهن تہ
دردن جو ساٿ پائدار هوندو آهي.
ڪتاب، موسيقيءِ اڪيلائي
هن جون ساٿي رهيون آهن،
دوستن جتي ڪيس
خوشيون ارپيون آهن
اتي انتها جا درد بہ گفٽ ڪيا آهن
الائي ڇو؟
هر شيءَ فنا آهي وارو فلسفو
هن کي جهوري وجهندو آهي
ويران منظر، خزان جي موسم
ءِ ٽڪرايل ماڻهو
هن کي ڏاڍا وڻندا آهن
موسمون، گل وڻ ٽڻ ٻوٽا
ءِ ٻيا سمورا منظر اڪثر هن تي

اثر انداز ٿي نہ سگھندا آھن.
ھن جو سبب شايد
ھي اندر جي موسمن جي
زيرِ اثر گھٽو رھيو آھي
ھڪ پيري موھن جي استوپا کي گھوريندي
ھن کي لڳو ھيو
ڄڻ تہ ھي ھتي جنمن کان ايندو رھيو آھي
اھو ڇوکرو
جيڪو ھاڻ شاعر ۽ ليکڪ ٿي ويو آھي
پر کيس ڏاڍو افسوس ٿيندو آھي
ھوءَ جيڪا
ھن جي چاھت ھئي
سا ان ھن جي ٿي نہ سگھي.

❊❊

ڪاوڙ

تون چوندي آهين
تنهنجي مرڪ شاعري آهي.
ءِ تنهنجا ٽهڪ ڪهاڻي آهن
پر مان چوندو آهيان
تہ
تنهنجي ڪاوڙ نقاد جهڙي آهي.

❊❊

دل

سال ٽيا آهن
جو هوءَ ملي نہ سگهي آهي
ءِ نہ ئي فون تي،
ڪو رابطو ٽيو آهي
ها!
هجي ڪير ؟
جو ڪيس اهو پڌائي
تہ، مان
تنهنجي دل سنياليي سنياليي
پنهنجي دل وڃائي ويٺو آهيان.

❊❊